آن لائين
ڪاوش دنيا
آچر 22 نومبر 2026ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya



گلگت مان آيل روڳي مائي

هِن پرچي جا ليکڪ

ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنپر
شيخ اسرار
امر اقبال
ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو
پارومل امراڻي سوٺهڙ
پروفيسر مختيار سمون
مرلي ڏر
غلام مصطفيٰ ڪهاوڙ
الهه بخش راڻوڙ
محمد اقبال جاکرو
ڊاڪٽر جاويد شيخ
ڪفايت گل
مڪيش بارٽاڻي
حافظ مهراڻ
نثار بانيڙ

بن ادبين جي موڪلاڻي



مشتاق ڪاملاڻي

شاعري

حيدر مهراڻي، ڳهايل لغاري،
آفتاب حسين،
قاسم خاصخيلي،
ارباب علي ’عادل‘ چوهاڻ،
ڊاڪٽر علي جان پرڙو،
سلام اڇڙيءَ
عبدالرسول ’دربان‘ خاصخيلي

پرڏيهي شاعري

ترجمو: نصير اعجاز



فياض چنڊ ڪليري

دنيا جي طاقتور اڳواڻن جي گڏجاڻي:
جاري کيل پڌرنامو هلندڙ جنگين بابت خاموش



The Big Three

ڊونالڊ ٽرمپ، شي جنپنگ ۽ پيوٽن



ٽي وڏا تهران ڪانفرنس جي موقعي تي_ اسٽالن، فرينڪلن ڊي روزويلٽ ۽ ونسٽن چرچل

محمد اقبال جاکرو



خميس، 19 نومبر 2026ع تي آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ، چين جي صدر شي جنپنگ ۽ روس جي صدر ولاديمير پيوٽن، چين جي شهر شينزين ۾ ايشيا_پئسفڪ اقتصادي سهڪار (APEC)جي سربراهي گڏجاڻي جي موقعي تي هڪ غيرمعمولي ٽ_ڏري گڏجاڻي ڪئي. هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ جاري رهندڙ اها گڏجاڻي دنيا جي ٽن وڏين جوهري طاقتن جي سربراهن جي پهرين گڏيل سربراهي ملاقات هئي، جنهن ۾ عالمي امن، جوهري هٿيارن تي ضابطي، توانائيءَ جي فراهمي، هٿرادو ڏاهپ (AI)ء عالمي ادارن جي ڪردار بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. گڏجاڻي جي پڄاڻيءَ تي چئن نڪتن تي ٻڌل هڪ گڏيل پڌرنامو ٻه جاري ڪيو ويو، پر عالمي سلامتيءَ تي اثرانداز ٽيندڙ بنيادي تڪرارن ۽ هٿيارن تي ضابطي بابت سوالن جي حل لاءِ ڪا جوڳي اڳپرائي نه ٿي سگهي.

تنهي عالمي اڳواڻن ان گڏجاڻيءَ کي عالمي سفارتڪاريءَ ۾ هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏنو. جيتوڻيڪ سندن عوامي بيانن مان ترجيحن ۽ سياسي مقصدن ۾ فرق واضح نظر آيو. ڳالهين جي شروعات ڪندي ٽرمپ چيو ته، "تيئي ملڪ واقعي تاريخ رقم ڪري رهيا آهن ۽ جوهري هٿيارن جي ذخيرن ۾ گهٽتائي آڻڻ توڙي جوهري ٽڪراءَ جي خطري کي گهٽائڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ هڪ منفرد حيثيت رکن ٿا. يوڪرين، واپار ۽ نويديا (Nvidia)بابت تڪرارن جي موجودگيءَ باوجود اهڙي سڌي رابطي کي پاڻ ۾ هڪ اهم سفارتي واقعو قرار ڏئي سگهجي ٿو." شي جنپنگ پڻ اصولي موقف اختيار ڪندي چيو ته، "جوهري جنگ کي روڪڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ۽ جوهري هٿيارن تي مڪمل پابندي لاڳو ڪري انهن کي مڪمل طور تباهه ڪيو وڃي."

بي عالمي جنگ کانپوءِ سوويت يونين، برطانيا ۽ آمريڪا جي سربراهن: جوزف اسٽالن، ونسٽن چرچل ۽ فرينڪلن ڊر روزويلٽ جي ٽيل ملاقات جيان موجوده دور جي طاقتور ملڪن: آمريڪا چين ۽ روس جي سربراهن: ڊونالڊ ٽرمپ، شي جنپنگ ۽ ولاديمير پيوٽن جي چين جي شهر شينزين ۾ ايشيا_پئسفڪ اقتصادي سهڪار جي سربراهي گڏجاڻي جي موقعي تي ٽيل غيرمعمولي ملاقات. ڏسجي ته ان جا ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا.

جڏهن ته پيوٽن، ان بند ڪمري واري ۾ ٽيل ملاقات کي "ڪليل، انتهائي ڪارائتو ۽ آزاداڻو بحث" سڏيو، جڏهن ته چين جي پرڏيهي وزير وانگ يي ان گڏجاڻيءَ کي "امن سربراهي گڏجاڻي" قرار ڏنو.

بهرحال گڏجاڻي جي تاريخي اهميت جو جائزو ونندي ان جي پيٺ 1943ع جي تهران ۽ 1945ع جي يالٽا ڪانفرنسن سان ڪرڻ ضروري آهي، جتي اتحادي طاقتن جي اڳواڻن بي عالمي جنگ کان پوءِ جي عالمي نظام، سياسي اثر رسوخ ۽ بين الاقوامي بندوبست بابت اهم فيصلا ڪيا هئا. ان جي ابتڙ، شينزين جي گڏجاڻيءَ ۾ اهڙي ڪنهن جامع عالمي ايجنڈا يا جنگين جي خاتمي بابت ڪو واضح منصوبو نظر نه آيو. ان ڪري گڏجاڻيءَ کي تاريخي سڏڻ پنهنجي جاءِ تي درست ٿي سگهي ٿو، پر عملي نتيجن جي ڪوٽ سبب ان کي سفارتڪاريءَ جي تاريخ ۾ ڪنهن نئين باب بدران هڪ اهم واقعي جي مختصر حاشيي طور ياد رکڻ جو امڪان وڌيڪ آهي.

چين ۽ روس جي سرڪاري ميڊيا ذريعي جاري ڪيل چئن نڪتن واري گڏيل پڌرنامي مان اتفاق راءِ جون حدون واضح ٿي ويون. هلندڙ عالمي بحرانن جي حل لاءِ عملي لائحہ عمل ڏيڻ بدران، پڌرنامي ۾ وسيع اصولن ۽ عالمي ادارن بابت گڏيل شڪايتن تي ڌيان ڏنو ويو:

1. گڏيل قومن جي اداري ۾ سڌارا: سلامتي ڪائونسل جي مستقل ميمبرن جي حيثيت ۾ چين، روس ۽ آمريڪا عالمي چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن جي اداري ۾ سڌارن جي حمايت جو وعدو ڪيو. پر انهن سڌارن جي نوعيت يا فيصلا سازيءَ جي ڍانچي ۾ تبديلين بابت ڪا وضاحت نه ڪئي وئي.
2. عالمي توانائيءَ جي فراهمي: تنهي ملڪن تيل صاف ڪرڻ وارين شين جي پيداوار ۽ فراهمي وڌائڻ ۽ توانائيءَ جي مستحڪم وهڪري تي اتفاق ڪيو، پر قيمتن جي استحڪام يا منصفاڻي رسائيءَ بابت ڪا واضح حڪمت عملي سامهون نه آئي.
3. خودمختياري ۽ عالمي فوجداري عدالت: رياستن جي رضامندي ۽ سرڪاري عهديدارن جي قانوني ڇوٽ تي زور ڏيندي پڌرنامي ۾ خبردار ڪيو ويو ته عالمي فوجداري عدالت (ICC)ء اهڙن بين ادارن کي پنهنجي دائره اختيار جو ناجائز استعمال نه ڪرڻ گهرجي.
4. جوهري خطري ۾ گهٽتائي: اڳواڻن ان پراڻي اصول کي ٻيهر ورجايو ته، "جوهري جنگ نه ڪٽي سگهجي ٿي ۽ نه ئي وڙهڻ گهرجي_" ۽ ڳالهه ٻولهه جاري رکڻ جو واعدو ڪيو ويو، پر ذخيرن کي محدود ڪرڻ يا انهن جي نگرانيءَ بابت ڪنهن نئين معاهدي جو اعلان نه ڪيو ويو.

جوهري هٿيارن تي ضابطي بابت ڳالهيون اهڙي وقت ٿيون، جڏهن فيبروريءَ ۾ نيو اسٽارٽ (New START)ناهه ختم ٿي چڪو هو. ٽرمپ ان کان اڳ پيوٽن جي ان تجويز کي رد ڪري چڪو هو ته، ناهه جون حدون رضاڪاراڻي طور برقرار رکيون وڃن. ۽ چين کي شامل ڪندي هڪ وسيع معاهدي جو مطالبو ڪيو هو. پر بيجنگ جو دليل آهي ته، آمريڪا ۽ روس جا جوهري ذخيرا تمام وڏا آهن. تنهنڪري تنهي ملڪن تي هڪجهڙيون پابنديون مناسب ڪونهن. شينزين مان ان اختلاف کي ختم ڪرڻ جو ڪو فارمولو سامهون نه آيو.

گڏيل پڌرنامي مان جاري جنگين بابت خاموشي پڻ نروار هئي. جيتوڻيڪ پيوٽن چيو ته، تڪرارن، خاص طور پنجين سال ۾ داخل ٿيل يوڪرين جنگ، جي حل بابت تنهي طاقتن جا "گڏيل مفاد" آهن. پر پڌرنامي ۾ نه ڪيف جو ذڪر هو ۽ نه ئي ايران سان لاڳاپيل تڪرار جو. گڏجاڻي ڪان ٻاهر به ڇڪتاڻ برقرار رهي: هڪ هفتي اندر ڪريميا جي پل تي يوڪرين جي تڪين مبينا حملي کان پوءِ پيوٽن "ان کان به وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ" جوابي ڪارروائيءَ جي ڌمڪي ڏني ۽ ڪاري سمنڊ يا توانائيءَ جي ڍانچي تي حملن بابت عارضي پابنديءَ تي غور ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. هن ٽرمپ جي ڪوششن جي ساراهه ڪندي ڪيف ۽ يورپي ملڪن تي امن جي عمل کي ڊگهو ڪرڻ جو الزام هنيو.

انهن تضادن باوجود پيوٽن شينزين مان اهم سفارتي فائدا حاصل ڪيا. يوڪريني ٻارن جي غيرقانوني ملڪ بدريءَ جي الزام هيٺ مارچ 2023ع کان عالمي فوجداري عدالت جي گرفتاري وارنٽ کي منهن ڏيندڙ روسي صدر کي 2022ع کان پوءِ مغربي ملڪن عالمي اڪيلائيءَ جو شڪار ٻڌايو هو، پر شينزين جي استيج، ٽرمپ سان ويجهي رابطي ۽ پڌرنامي ۾ عالمي فوجداري عدالت تي اٽڪندي تنقيد، جنهن جي تائيد ٽرمپ عدالت کي "حدن کان ٻاهر نڪتل" قرار ڏيندي ڪئي، ماسڪو کي اهو تاثر ڏيڻ جو موقعو ڏنو ته روس عالمي سياست ۾ اڪيلو ناهي.

برطانيا جي اڳوڻي پرڏيهي وزير جيريمي هنٽ جي تنقيد موجب، ٽرمپ هاڻي آزاد دنيا جي اڳواڻ واري روايتي ڪردار بدران طاقتور اڳواڻن سان ذاتي رابطن کي ترجيح ڏئي رهيو آهي. پيوٽن اهو به چيو ته، "هو روس جي صورتحال کي ڏسندي ڊسمبر ۾ ميامي جي، جي_20 گڏجاڻي ۾ شرڪت تي غور ڪندو." جنهن مان عالمي سياست ۾ يورپ جي ڪردار بابت نوان سوال اپريا.

چين لاءِ شينزين گڏجاڻي گهڻ_قطبي عالمي نظام (Multipolar World Order)جي تصور کي هٿي ڏيڻ ۽ اهو ڏيکارڻ جو موقعو هو ته آمريڪا هاڻي اڪيلو فيصلاڪن ڪردار ادا نٿو ڪري سگهي. ٻئي طرف گڏجاڻي جي موقعي تي ٽرمپ اين بي سي کي ٻڌايو ته هن ۽ شي جنپنگ هٿرادو ڏاهپ (AI)، جنهن کي ٽرمپ "ايس آءِ" (Super Intelligence)سڏيو، لاءِ گهٽ ۾ گهٽ حفاظتي حدبندين جي ضرورت سان اتفاق ڪيو. جيتوڻيڪ تفصيلي وصفن تي بحث نه ٿيو. ساڳئي وقت ميڪسيڪو جي صدر ڪلاڊيا شينبام ٻنهي اڳواڻن سان ملاقاتن کان پوءِ واشنگٽن کي يقين ڏياريو ته، چين سان سهڪار جو "نئون دور" آمريڪا سان ميڪسيڪو جي گهري اقتصادي وابستگيءَ کي متاثر نه ڪندو. جيڪو وچولي طاقتن جي سفارتي توازن جي چئلينج کي ظاهر ڪري ٿو.

مجموعي طور، شينزين گڏجاڻي ظاهر ڪيو ته آمريڪا، چين ۽ روس گهري اختلافن باوجود سڌي ڳالهه ٻولهه لاءِ تيار آهن. پر گڏجاڻي کان پوءِ ٽرمپ جو واشنگٽن واپسيءَ تي فوري طور اندروني زرعي قانونسازي ۽ راندين ڏانهن ڌيان منتقل ڪرڻ ان سوال کي وڌيڪ اهم بنائي ٿو ته، ڇا هي رابطو پائيدار پاليسي تبديلي آڻيندو. عالمي امن رڳو گڏيل تصورن ۽ بيانن سان قائم نٿو ٿي سگهي: ان لاءِ بين الاقوامي قانون جي غيرجانبداراڻي نفاذ، جوهري ضابطي ۽ جنگين جي خاتمي لاءِ عملي قدمن جي ضرورت آهي.

جيستائين عملي نتيجا سامهون نٿا اچن، تيستائين شينزين گڏجاڻي عالمي تاريخ جي نئين باب بدران هڪ مختصر سفارتي حاشيي طور ئي ياد رکي ويندي. ■

پچاڻيءَ تي پهتل ماحوليات بابت عالمي ڪانفرنس- ڪاپ 31 جو دنيا لاءِ پيغام





ڏنو وجي ٿو ته اڄ جي دنيا هڪ اهڙي تاريخي موڙ تي بيٺي آهي، جتي انسان جي ترقي، قدرتي وسيلن جو تحفظ، ماحولياتي تبديليون ۽ جديد ٽيڪنالاجي هڪ ٻئي سان ڳنڍيجي ويا آهن. هڪ طرف مصنوعي ذهانت، انساني زندگي، زراعت، صنعت، تعليم ۽ معيشت ۾ انقلاب آڻي رهي آهي، ته ٻئي طرف موسمياتي تبديلي، وڌندڙ گرمي پد، ٻوڏون، ڏڪار، پاڻيءَ جي ڪوٽ ۽ ماحولياتي آلودگي دنيا جي مستقبل لاءِ وڏا خطرا بڻجي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ سرڪيولر اڪانومي، يعني گردشي معيشت، هڪ اهڙو معاشي تصور بڻجي سامهون آيو آهي، جيڪو وسيلن جي بچت، فضلي جي گهٽتائي، شين جي ٻيهر استعمال ۽ ماحول دوست ترقيءَ تي زور ڏئي ٿو.

تازو هن عالمي بحث کي گڏيل قومن جي موسمياتي تبديليءَ بابت 31هين عالمي ڪانفرنس، COP31، جي پسمنظر ۾ ڏسڻ انتهائي ضروري آهي. دنيا لاءِ هاڻي رڳو اهو سوال اهم ناهي ته، موسمياتي تبديليءَ کي ڪيئن روڪجي، پر اصل سوال اهو ٻه آهي ته، جديد ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت ۽ گردشي معيشت کي گڏائي اهڙو معاشي نظام ڪيئن قائم ڪجي، جيڪو انسان، فطرت ۽ ايندڙ نسلن لاءِ فائديمند هجي.

عالمي موسمياتي اداري، ورلڊ ميٽرولاجيڪل آرگنائيزيشن (WMO)جي 9 نومبر 2026ع تي جاري ڪيل رپورٽ موجب، 2015ع کان 2026ع تائين جا 12 سال دنيا جي تاريخ جا سڀ کان وڌيڪ گرم سال ثابت ٿيڻ طرف وڌيا آهن. جنوري کان سيپٽمبر 2026ع دوران عالمي سراسري گرمي پد صنعتي دور کان اڳ واري سطح جي پيٽ ۾ تقريباً 1.47 ڊگري سينٽي گريڊ وڌيڪ رهيو. سامونڊي سطح ۾ سمندن ۾ گڏ ٿيندڙ گرمي ٻه تقريباً حدن تي پهچي چڪي آهي. اهي انگ اکر ظاهر ڪن ٿا ته موسمياتي تبديلي هاڻي مستقبل جو خدشو نه، پر اڄ جي حقيقت آهي.

گڏيل قومن جي ماحولياتي پروگرام (UNEP)جي ايمشنز گيپ رپورٽ 2026ع مطابق، جيڪڏهن ملڪ پنهنجي موجوده موسمياتي واعدن تي مڪمل عمل ٻه ڪن، تڏهن ٻه هن صديءَ دوران عالمي گرمي پد ۾ واڌ تقريباً 2.6 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو خطرو موجود آهي. رپورٽ موجب، گرمي پد کي ٻيهر 1.5 ڊگري جي حد تائين آڻڻ لاءِ عالمي گرين هائوس گئسن جي اخراج ۾ 2025ع جي پيٽ ۾ 2030ع تائين 18 سيڪڙو، 2035ع تائين 45 سيڪڙو ۽ 2040ع تائين 69 سيڪڙو گهٽتائي آڻڻ ضروري آهي. اهي هدف ٻڌائين ٿا ته دنيا کي صرف تقرين ۽ اعلانن بدران عملي قدمن جي ضرورت آهي.

انهيءَ پسمنظر ۾ 9 کان 20 نومبر 2026ع تائين ترڪيءَ جي شهر انتاليا ۾ منعقد ٿيل ڪاپ 31 (COP-31)، عالمي ڪانفرنس ۾ تقريباً 200 ملڪن جا نمائندا، موسمياتي تبديلي، صاف توانائي، ماحولياتي انصاف، مالي مدد ۽ قدرتي آفتن کان بچاءَ بابت ڳالهين ۾ مصروف رهيا. ان ڪانفرنس جي هڪ خاص ڳالهه اها هئي ته، ان جي ترڪي صدارت سنيالي رهيو هو ۽ آسٽريليا ڳالهين جي قيادت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪانفرنس ۾ غريب ۽ ترقي پذير ملڪن لاءِ موسمياتي مالي مدد ۽ ماحولياتي نقصانن جي تلافي تي وڌيڪ فوڪس ڪيو ويو.

19 نومبر تائين ٽيل ڳالهين ۾ تيل، گئس ۽ ڪوئلي جي استعمال کي گهٽائڻ بابت اختلاف سامهون آيا، جڏهن ته موسمياتي موافقت لاءِ تجويز ڪيل 120 ارب ڊالرن جو هدف ٻه شامل نه رهيو. 20 نومبر تائين حتمي اتفاق راءِ اڃا واضح نه هو (هي ليک 20 نومبر تي لکيو ويو). اها صورتحال ظاهر ڪري ٿي ته عالمي ماحولياتي سياست ۾ معاشي مفاد اڃا ٻه وڏو اثر رکن ٿا.

تحرير: ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير

هٿرادو ذهانت (اَي آءِ) ان بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ نوان رستا کوليا آهن. اَي آءِ جي مدد سان موسمياتي انگ اکر گڏ ڪري سگهجن ٿا، برساتن جي اڳڪٿي بهتر بٽائي سگهجي ٿي، ٻوڏن جي خطرن وارن علاقن جي نشاندهي ڪري سگهجي ٿي، فصلن ۾ بيمارين جي شروعاتي سڃاڻپ ممڪن بڻجي سگهي ٿي ۽ سيٽلائيٽ تصويرن، ڊرونز ۽ جديد ڪمپيوٽر نظامن ذريعي زمين جي گهم، پاڻيءَ جي ضرورت ۽ فصلن جي حالت جو جائزو وٺي سگهجي ٿو. اهڙي ٽيڪنالاجي خاص ڪري پاڪستان جهڙن زرعي ملڪن لاءِ اهم آهي. پر هٿرادو ذهانت جا پنهنجا ماحولياتي خرچ ٻه آهن. انٽرنيشنل انرجي ايجنسي (IEA)جي رپورٽ موجب 2024ع ۾ دنيا جي ڊيٽا سينٽرن تقريباً 415 ٽيراواٽ ڪلاڪ بجلي استعمال ڪئي، جيڪا عالمي بجليءَ جي استعمال جو لڳ ڀڳ 1.5 سيڪڙو هئي. 2030ع تائين اهو استعمال وڌي 945 ٽيراواٽ ڪلاڪ تائين پهچڻ جو امڪان آهي، تنهنڪري هٿرادو ذهانت کي ماحول دوست بٽائڻ لاءِ صاف بجلي، توانائي بچائيندڙ ڪمپيوٽر نظام ۽ پاڻيءَ جي ذميواراڻي استعمال تي ٻه ڌيان ڏيڻ ضروري آهي.

گردشي معيشت جو بنيادي اصول آهي ته، ڪنهن ٻه شيءِ کي هڪ پيرو استعمال ڪري اڇلائڻ بدران ان کي مرمت، ٻيهر استعمال يا ري سائيڪل ڪري معاشي نظام ۾ واپس آندو وڃي. مثال طور پلاسٽڪ مان نيون شيون ٺاهڻ، پراڻن ڪپڙن مان نوان ڪپڙا تيار ڪرڻ، زرعي باقيات مان نامياتي پاڻ ٺاهڻ ۽ صنعتي فضلي مان ڪارآمد مواد حاصل ڪرڻ گردشي معيشت جا اهم مثال آهن. هن نظام ۾ ڪچرو مسئلو نه، پر هڪ قيمتي معاشي وسيلو بڻجي سگهي ٿو.

گڏيل قومن جي گلوبل ويسٽ مئنيجمينٽ آئوٽ لڪ 2024ع موجب، دنيا ۾ شهري ڪچري جو مقدار 2023ع ۾ تقريباً 2.1 ارب ٽن هو، جيڪو 2050ع تائين 3.8 ارب ٽن تائين پهچڻ جو امڪان آهي. رپورٽ موجب جيڪڏهن دنيا گردشي معيشت جو مؤثر نظام اختيار ڪري ته 2050ع تائين فضلي جي انتظام مان عالمي سطح تي سالياني 108.5 ارب ڊالرن جو خالص معاشي فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو. اهڙي طرح ماحولياتي تحفظ سان گڏ روزگار، ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري جا نوان موقعا ٻه پيدا ٿي سگهن ٿا.

هٿرادو ذهانت ۽ گردشي معيشت جو گڏيل استعمال مستقبل جي صنعتن لاءِ اهم ثابت ٿي سگهي ٿو. AI سان هلندڙ مشينون ڪچري مان پلاسٽڪ، ڌاتو، شيشي ۽ ڪاغذ کي الڳ ڪري سگهن ٿيون. ڪمپيوٽر نظام ڪارخانن ۾ خام مال جي استعمال جو حساب رکي سگهي ٿو ۽ پيداوار دوران ضايع ٿيندڙ مواد گهٽائي سگهي ٿو. ساڳئي وقت جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي شين جي عمر وڌائڻ، مرمت جي ضرورت اڳواٽ معلوم ڪرڻ ۽ توانائيءَ جو استعمال گهٽائڻ ممڪن آهي. اهڙي نظام سان ماحولياتي آلودگي گهٽائڻ ۽ صنعتي خرچ بچائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

يورپي يونين گردشي معيشت کي پنهنجي ماحولياتي ۽ صنعتي پاليسين جو اهم حصو بٽايو آهي. چين ۾ وسيلن جي ٻيهر استعمال ۽ صنعتي فضلي مان نيون شيون ٺاهڻ تي ڪم ٿي رهيو آهي. جاپان ۾ ڪچري کي الڳ ڪڍ ڪرڻ ۽ ري سائيڪلنگ جا منظم طريقا موجود آهن. جڏهن ته ڪيترائي آفريقي ملڪ شمسي توانائي، مقامي مرمت جي صنعت ۽ فضلي مان روزگار پيدا ڪرڻ طرف وڌي رهيا آهن. انهن تجربن مان پاڪستان جهڙا ترقي پذير ملڪ گهڻو ڪجهه سکي سگهن ٿا.

پاڪستان لاءِ موسمياتي تبديلي خاص طور تي گڏتيءَ جوڳي آهي. جيتوڻيڪ پاڪستان ملڪ عالمي گرين هائوس گئسن جي اخراج ۾ هڪ سيڪڙو کان ٻه گهٽ حصو رکي ٿو، پر موسمياتي آفتن کان سخت متاثر ٿئي ٿو. 2022ع جي تباهه ڪندڙ ٻوڏن دوران تقريباً 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو متاثر ٿيا. عالمي بئنڪ ۽ ٻين ادارن جي گڏيل جائزي موجب نقصان ۽ معاشي خسارو 30 ارب آمريڪي ڊالرن کان وڌيڪ هو. جڏهن ته سنڌ مجموعي نقصانن ۽ خسارن جو لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو برداشت ڪيو. اهي انگ اکر عالمي موسمياتي انصاف جو سوال اٿارين ٿا.

سنڌ ۾ موسمياتي تبديليءَ جا اثر زراعت، مالداري، ماهيگيري ۽ ڳوٺاڻي معيشت تي واضح نظر اچن ٿا، جن لاءِ جديد سائنسي حل گهربل آهن. هٿرادو ذهانت جي مدد سان سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي وهڪري، برساتن، زميني گهر ۽ زرعي پيداوار بابت بهتر معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي.

سنڌ جي زراعت ۾ گردشي معيشت جا وڏا موقعا موجود آهن. ڪمند جي باقيات مان توانائي، چانورن جي تونڊ مان ڪارآمد مواد، ڪڪڙ جي پاڻن مان نامياتي پاڻ ۽ جانورن جي فضلي مان بايو گئس تيار ڪري سگهجي ٿي. ان سان هارين جا خرچ گهٽجي سگهن ٿا ۽ ڳوناڻن علاقن ۾ نندين صنعتون قائم ٿي سگهن ٿيون. جيڪڏهن انهن منصوبن سان هٿرادو ذهانت تي ٻڌل زرعي صلاحڪاري ۽ موسمياتي اڳڪٿي جو نظام شامل ڪيو وڃي ته پاڻي، پاڻ ۽ توانائيءَ جي استعمال ۾ وڏيڪ بهتري آڻي سگهجي ٿي.

ان سلسلي ۾ سنڌ جي يونيورسٽين، تحقيقي ادارن، زرعي توسيع ڪاتي ۽ مقامي حڪومتن کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. نوجوانن کي هٿرادو ذهانت، ماحولياتي سائنس، ريسائيڪلنگ، شمسي توانائي ۽ سبز ڪاروبار بابت تربيت ڏيڻ ضروري آهي، خاص طور عورتن ۽ ڳوناڻن نوجوانن لاءِ ڪچري مان ڪارآمد شيون ٺاهڻ، نامياتي پاڻ، پاڻي بچائيندڙ زراعت ۽ نندين ماحول دوست ڪاروبارن جا موقعا پيدا ڪري سگهجن ٿا.

ڪاپ 31 ۾ ترقي پذير ملڪن جو بنيادي مطالبو اهو هو ته، امير ملڪ موسمياتي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ مناسب مالي مدد، جديد ٽيڪنالاجي ۽ صلاحيتن جي واڌاري ۾ سهڪار ڪن. پاڪستان کي ٻه عالمي فورمز تي پنهنجي ضرورتن سان گڏ واضح ۽ قابل عمل منصوبا پيش ڪرڻ گهرجن. رڳو امداد جي انتظار بدران مقامي سطح تي ماحول دوست صنعتن، پاڻيءَ جي بچت، صاف توانائي ۽ گردشي معيشت کي قومي ترقيءَ جو حصو بٽائڻ ضروري آهي.

جڏهن اسان ڪاپ 31 ۾ شرڪت ڪئي ۽ بحثن ۾ حصو ورتو، ته ان مان محسوس ٿيو ته هٿرادو ذهانت پاڻمرادو ماحولياتي بحران حل نٿي ڪري سگهي. جيڪڏهن ٽيڪنالاجي صرف وڏين ڪمپنين جي منافعي لاءِ استعمال ٿيندي ۽ غريب آبادين تائين نه پهچندي ته معاشي ۽ سماجي اٻرابري وڌيڪ وڌي سگهي ٿي، تنهنڪري هٿرادو ذهانت جي استعمال ۾ شفافيت، مقامي ٻولين ۾ معلومات، ڊيٽا جي حفاظت، انساني نگراني ۽ سستي ٽيڪنالاجي کي بنيادي اهميت ڏيڻ گهرجي.

اڄ دنيا کي اهڙي ترقيءَ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ معاشي خوشحالي فطرت جي تباهيءَ جي قيمت تي حاصل نه ٿئي. هٿرادو ذهانت اسان کي بهتر فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت ڏئي سگهي ٿي، گردشي معيشت وسيلن کي بچائي سگهي ٿي ۽ ڪاپ 31 جهڙا عالمي فورم گڏيل ڪوشش جو رستو هموار ڪري سگهن ٿا، پر ڪاميابي تڏهن ملندي، جڏهن عالمي واعدا گونڊ، شهرن، ٻنين، ڪارخانن ۽ عام ماڻهن جي زندگين ۾ عملي تبديلي آڻيندا.

ڏنو وجي ته هن وقت سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين صوبن جي حوالي سان ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ماحولياتي تحفظ کي رڳو سرڪاري منصوبو نه، پر تعليم، تحقيق، روزگار ۽ معاشي ترقيءَ جي گڏيل تحريڪ بڻايو وڃي. چاڪاڻ ته مستقبل جي حقيقي ترقي اها نه هوندي ته اسان کيترو پيدا ڪيو، پر اها هوندي ته اسان قدرتي وسيلا کيتري ذميواريءَ سان استعمال ڪيا ۽ ايندڙ نسلن لاءِ ڪهڙي دنيا ڇڏي. ■

تباھ ٿيل تمر جي ٻيلن جي بحاليءَ لاءِ ھڪ برطانوي ڪمپنيءَ سان سنڌ سرڪار جو ٺاھ
گذريل 100 سالن دوران سنڌ جي 14 لک 82 ھزار ايڪڙن مان 10 لک 37 ھزار ايڪڙن تي بينل تمر جا ٻيلا تباھ ٿيا: وڻن جي وادي رات جي اونداھيءَ ۾ ھلندڙ

انڊس ڊيلٽا ۾ ”حفاظتي ٻيلا“ قرار ڏنل تمر جا ٻيلا حفاظت ۾ آھن؟

شيخ اسرار





سنڌ حڪومت ۽ برطانيا ۾ رجسترڊ ھڪ پرائيوٽ لميٽڊ ڪمپني انڊس ڊيلٽا ڪيپيٽل وچ ۾ پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ تحت 2015ع ۾ انڊس ڊيلٽا ۾ تمر جا ٻيلا بچائڻ ۽ وڌيڪ ٻوٽا لاءِ شروع ٿيل ڊيلٽا بليو ڪاربن منصوبي جي دستاويزن موجب 10 لک 38 ھزار ايڪڙ خراب ٿيل زمين ۽ تمر جا ٻيلا بحال ڪرڻا آھن. ان منصوبي جي پھرئين مرحلي ۾ 8 لک 64 ھزار 856 ايڪڙن تي ڪم ٿيندو، جنھن مان 5 لک 58 ھزار 324 ايڪڙ ٻيلا بحال ڪيا ويندا، جڏھن ته منصوبي جي ٻئي مرحلي ۾ 6 لک 17 ھزار 763 ايڪڙن تي ڪم ٿيندو ۽ ان دوران 4 لک 79 ھزار 461 ايڪڙ وڌيڪ ٻيلا بحال ٿيندا. گڏيل طور 14 لک 82 ھزار 633 ايڪڙ ٻيلن مان 10 لک 37 ھزار 611 ايڪڙ ٻيلا بحال ڪيا ويندا ۽ ان منصوبي جو مدو 60 سال آھي.

”ماضيءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ سمنڊ ڪناري آسان جي ريڑھي ڇوٽ سميت ڪورنگي ڪريڪ ۽ ان جي ٻيٽن تي تمر جا ڳھاتا وڻ ھوندا ھئا. پر ھاڻي اتي رڳو صنعتن ۽ شھري آبادين جي سيوريج جو زھريلو مواد نظر اچي ٿو. ھڪ گندگي ۽ ٻيو وڻن جي وادِيءَ آسان جي علاقي ۾ تمر جا ٻيلا تباھ ڪري ڇڏيا آھن. انڪري مان ٻيلن جي بحاليءَ لاءِ ھتي ٻن سالن کان ٻوٽا پوکڻ جو ڪم ڪري رھي آھيان ۽ ھڪ ڪروڙ ٻوٽا لڳائڻ جو منصوبو شروع ڪيو آھي. ٻن سالن دوران 7 ھزار ٻوٽا لڳائي چڪي آھيان ۽ ان خواب جي ساڪيان لاءِ سموري زندگي اھو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آھيان.“ اھي خيال آھن ريڑھي ڇوٽ جي الماس قاسماڻي جا، جيڪا حڪومتي ادارن مان مايوس ٿي پنھنجي علاقي ۾ تمر جي ٻيلن کي ٻيھر بحال ڪرڻ واري مشن تي نڪتل آھي.

توھان کي اھا ته خبر ھوندي ته تمر جا ٻيلا انڊس ڊيلٽا جي ماحولياتي نظام کي بچائڻ جو انتھائي اھم ذريعو آھن. اھي ٻيلا جھنگلي جيوت، سمنڊ ڪناري آباد شھرن ۽ بندرگاھن کي سامونڊي طوفانن، تيز ھوائن، ٻوڏن ۽ زرعي زمينن کي تباھ ڪندڙ آفتن کان بچائڻ لاءِ مضبوط ٿِڌ جو ڪم ڪن ٿا. پرڇا توھان کي ڄاڻ آھي ته انڊس ڊيلٽا ۾ اھي ٻيلا ڪيتري ايراضي تي ڦھليل ھئا/آھن؟ جيڪڏھن نه، ته معلومات حاصل ڪري وٺو.

انڊس ڊيلٽا ۾ 14 لک 82 ھزار ايڪڙن تي ڦھليل تمر جا ٻيلا

سنڌ حڪومت جي دستاويزن موجب، انڊس ڊيلٽا ۾ 6 لک 93 ھزار ايڪڙن تي ڦھليل تمر جا ٻيلا ٻيلي ڪاتي، ھڪ لک 59 ھزار ايڪڙن تي پورٽ قاسم اٿارٽي ۽ 6 لک 30 ھزار ايڪڙن تي بورڊ آف ريونيو جي نگراني ۾ آھن، جيڪا ڪل ايراضي 14 لک، 82 ھزار ايڪڙ ٿئي ٿي. ٻيلي ڪاتي ۽ پورٽ قاسم اٿارٽي جي نگراني ۾ ايندڙ تمر جي ٻيلن جي سموري ايراضي کي سنڌ حڪومت فيبروري 2022 ۾ سنڌ ھاءِ ڪورٽ جي حڪمنامي تحت نوٽيفڪيشن جاري ڪري فاريسٽ ايڪٽ 1927 جي سيڪشن 29 موجب پروٽيڪٽڊ فاريسٽ ”محفوظ ٻيلا“ قرار ڏئي چڪي آھي، جنھن ۾ ڪورنگي ضلعن ۾ ابراھيم حيدريءَ کان ميرپورساڪري ۽ ڪاري ڇاڻ کان سير ڪريڪ تائين، ايندڙ لڳ ڀڳ سادا 7 لک ايڪڙ ايراضيءَ تي ٿِڌل انھن ٻيلن ۾ ڏنگي ۽ پنڊار سميت سمورا ٻيٽ ۽ اچي وڃن ٿا.

ٻيلي ڪاتي ۽ پورٽ قاسم اٿارٽيءَ جي نگراني ۾ ايندڙ انھن ٻيلن ڪانپوءِ ھڪ وڏي؛ 6 لک 30 ھزار ايڪڙ ايراضي، جيڪا سنڌ جي بورڊ آف ريونيو وٽ آھي، ان ايراضي کي گورنمينٽ ويسٽ لينڊ ”غيرآباد يا بنجر حڪومتي زمين“ قرار ڏنو ويو آھي، جتي ڪابه انساني سرگرمي ٿي سگھي ٿي، پر ”حفاظتي ٻيلن“ اندر مچي مارڻ ۽ حڪومتي اجازت نامي سان وڻن جون پاڻمرادو ٽُٽل ٽاريون ڪٽڻ ڪانسواءِ ٻي ڪابه سرگرمي نٿي ڪري سگھجي. ھاڻي سوال اھو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا ھن وقت اھي ”حفاظتي ٻيلا“ قرار ڏنل ٻيلا حفاظت ۾ آھن؟

سنڌ حڪومت ۽ برطانيا ۾ رجسترڊ ھڪ پرائيوٽ لميٽڊ ڪمپني انڊس ڊيلٽا ڪيپيٽل وچ ۾ پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ تحت 2015ع ۾ انڊس ڊيلٽا ۾ تمر جا ٻيلا بچائڻ ۽ وڌيڪ ٻوٽا پوکڻ لاءِ شروع ٿيل ڊيلٽا بليو ڪاربن منصوبي جي دستاويزن موجب 10 لک 38 ھزار ايڪڙ خراب ٿيل زمين ۽ تمر جا ٻيلا بحال ڪرڻا آھن. ان منصوبي جي پھرئين مرحلي ۾ 8 لک 64 ھزار 856 ايڪڙن تي ڪم ٿيندو، جنھن مان 5 لک 58 ھزار 324 ايڪڙ ٻيلا بحال ڪيا ويندا، جڏھن ته منصوبي جي ٻئي مرحلي ۾ 6 لک 17 ھزار 763 ايڪڙن تي ڪم ٿيندو ۽ ان دوران 4 لک 79 ھزار 461 ايڪڙ وڌيڪ ٻيلا بحال ٿيندا. گڏيل طور 14 لک 82 ھزار 633 ايڪڙ ٻيلن مان 10 لک 37 ھزار 611 ايڪڙ ٻيلا بحال ڪيا ويندا ۽ ان منصوبي جو مدو 60 سال آھي.

انھن دستاويزن مان واضح ٿي رھيو آھي ته، 14 لک 82 ھزار ايڪڙن مان 10 لک 37 ھزار ايڪڙ ٻيلا تباھ ٿيل آھن، جن کي بحال ڪرڻو آھي. ھاڻي ڏسجي ته سنڌ حڪومت جي ٻيلي ڪاتي ۽ انڊس ڊيلٽا ڪيپيٽل ڪمپني 2015ع کان ھن وقت تائين 11 ورھين دوران ڪيترو ڪم آھي.

11 سالن ۾ 2 لک 47 ھزار ايڪڙ زمين ٻيلا بحال ڪرڻ جي دعويٰ

انڊس ڊيلٽا ڪيپيٽل ڪمپنيءَ موجب منصوبي تحت 10 لک 37 ھزار 842 ايڪڙن تي ڪم جاري آھي. ڪاربن اسٽينڊرڊ جا ويريفڪيشن سرٽيفڪيٽ جاري ڪندڙ اداري ويرا (verra) ۽ انڊس ڊيلٽا پاران دعويٰ ڪئي آھي ته، منصوبي جي پھرين مرحلي دوران 11 سالن اندر نٽي ۽ سجاول ضلعن ۾ 2 لک 47 ھزار 105 ايڪڙن تي ٻيلا بحال ڪيا ويا آھن. ان سان گڏ انھن اھا به دعويٰ ڪئي آھي ته، منصوبي مان 70 ھزار ماڻھن کي ڪنھن نه ڪنھن طريقي سان فائدو ملي رھيو آھي ۽ 15 ھزار نيون ملازمتون پيدا ڪيون ويون آھن. انڊس ڊيلٽا ڪيپيٽل ڪمپنيءَ جي اھا به دعويٰ آھي ته، منصوبي جي ايراضيءَ ۾ ايندڙ 60 ڳوٺن جا 43 ھزار مقامي ماڻھو تمر جي ٻيلن جي بحاليءَ وارن ڪمن ۾ حصو وٺي رھيو آھي.

اڌ کان وڌيڪ ٻوٽا گندگي ۽ مٽ پاڻي نه ملڻ ڪري سڙي وڃن ٿا!

انڊس ڊيلٽا ڪيپيٽل ڪمپنيءَ جون دعوائون ھڪ پاسي پر سير ڪريڪ کان ابراھيم حيدريءَ تائين سامونڊي پٽيءَ ۾ مھاڻن جي حقن سميت تمر جي ٻيلن تي ڪم ڪندڙ پاڪستان فشرفوڪ فورم جي سينئر وائيس چيئرپرسن ياسمين علي شاھ، جنھن جو اڪثر وقت انڊس ڊيلٽا ۾ سماجي ڪم ڪندي گذري ٿو، ٻڌائي ٿي ته، ”سجاول ۽ نٽي سميت ڪراچيءَ ۾ ڊيلٽا جي حالت انتھائي خراب آھي.“ ھن ڊيلٽا بليو ڪاربن منصوبي تحت لڳ ڀڳ اڍائي لک ايڪڙ ٻيلا بحال ٿيڻ واري دعويٰ تي چيو ته، ”مان ٻوٽا پوکڻ واري دعويٰ کي رد نٿي ڪيان، پر مونکي خبر آھي ته اھي ٻوٽا بچن نٿا. ٻوٽا پوکڻ آسان ۽ انھن جي سنياڻ ڪرڻ ڏکيو ڪم آھي.“ ھن سوال ڪيو ته، انڊس ڊيلٽا ڪيپيٽل ڪمپني اھو به ٻڌائي ته، ٻوٽا بچڻ جي شرح ڪيتري آھي؟ منھنجو اندازو آھي ته اڌ کان وڌيڪ ٻوٽا سمنڊ ۾ گندگي ۽ درياھ جو مٺو پاڻي نه ملڻ ڪري سڙي وڃن ٿا.“ ياسمين شاھ انڊس ڊيلٽا ڪيپيٽل ڪمپنيءَ پاران 15 ھزار


ناصر علي پنهور


مسعود لوهار


ياسمين علي شاهه


ياسر حسين



رضوان وڳڻ


الماس قاسماڻي



ماڻهن کي ملازمتون ڏيڻ واري دعويٰ کي رد ڪيو.
الماس قاسماڻي رد ٿيڻ سڙي وڃڻ واري مسئلي جي تصديق ڪندي ٻڌائي ٿي ته، ”مان ڪڏيرو ٻيٽ تي جيڪي 2 هزار ٻوٽا پوکيا هئا، اهي بچي ناهن سگهيا، ڇاڪاڻ ته ڪورنگي ڪريڪ خاص طور تي ابراهيم حيدري ۽ ريڑهي ڳوٺ وارن علاقن ۾ سيوريج جي چوڙ سبب سمنڊ جو پاڻي انتهائي گدلو ٿي چڪو آهي ۽ انهن علاقن ۾ مٽي پاڻيءَ جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي.“

11 سالن ۾ رڳو 2 ارب ٻوٽن جي پوکائي

چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽ سنڌ رياض احمد وڳڻ، جيڪو تمر جي ٻيلن جي بحاليءَ واري منصوبي جو نگران آهي، ان جو چوڻ آهي ته، ”گذريل 11 سالن ۾ اسان انڊس ڊيلٽا ۾ 2 ارب کان وڌيڪ تمر جا ٻوٽا لڳايا آهن، ۽ اهي ٻوٽا ٿٽي، سجاول ۽ بدين ضلعن جي ساحلي پٽي ۾ لڳايا ويا آهن. خاص علاقا ڪيٽي بندر، ڪارو چاڻ، شاهه بندر، ڏهو ڪريڪ، پٽياڻي ڪريڪ، جوهو، حاجي يوسف ۽ ڪورنگي کان ڪجار ڪريڪ تائين آهن، جتي لکين ايڪڙ خالي زمين کي ٻيهر سائو ڪيو ويو. اهو ڪم ڊيلٽا ٻليو ڪاربن منصوبي تحت مقامي مهاڻن، عورتن ۽ نوجوانن جي سهڪار سان ڪيو ويو.

وڳڻ صاحب، منو پاڻي نہ ملڻ توڙي سمنڊ ۾ گدلاڻ سبب ٻوٽا سڙي وڃڻ واري معاملي تي چوي ٿو ته، ”اسان کي خبر آهي ته ڪجهه ٻوٽا مٽي پاڻيءَ جي ڪوٽ ۽ گندگيءَ سبب سڪي سڙي وڃن ٿا، ان لاءِ اسان هر سال انهن هنڌن جي چڪاس ڪيون ٿا ۽ سڪل ٻوٽن جي جاءِ تي نوان ٻوٽا لڳايون ٿا، نرسريون وڌايون ٿا ۽ پاڻيءَ جي وهڪري جو خيال رکون ٿا.“ هن جي دعوي آهي ته، مقامي ڪميٽيون ٻيلن جي نگهباني ڪن ٿيون ته جيئن ٻوٽا بچي سگهن.

پاڪستان ۾ ڪاربن ڪريڊٽ ذريعي ڪروڙين ڊالر ڪمائيندڙ سنڌ

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنڌ، پاڪستان جو واحد صوبو آهي، جنهن ڪاربن ڪريڊٽ جي مد ۾ ڪروڙين روپيا حاصل ڪيا آهن. رياض وڳڻ ٻڌائي ٿو ته، تمر جا وڻ هوا مان ڪاربن جذب ڪن ٿا، ان ڪري دنيا ان جو قدر ڪري ٿي ۽ اسان کي ڪريڊٽ ملي ٿو. ڊيلٽا ٻليو ڪاربن منصوبي مان سنڌ کي 5 ڪروڙ ڊالر آمدني ٿي چڪي آهي. اسان جو مقصد رڳو پئسو ڪمائڻ نه آهي، پر ساحل بچائڻ ۽ ڳوٺاڻن جي زندگي بهتر بڻائڻ به آهي.

پابنديءَ باوجود وڻن جي واڌي

سرڪاري دعوائون هڪ پاسي پر سرزمين تي موجود سماجي ڪارڪن، مقامي آبادگار توڙي مهاڻا مختلف تجربا ٻڌائين ٿا. سماجي ڪارڪن ۽ ڪيٽي بندر جو رهواسي عبدالله ڪاتيار ٻڌائي ٿو ته، ”ٻيلا ڪٽجي وڃڻ سبب صورتحال وڃي اها بيني جو 1990ع واري ڏهاڪي ۾ ڪيٽي بندر شهر به ٻڌي رهيو هو، جنهن بعد ان وقت محترمه بينظير ٻٽو جي حڪومت شهر کي حفاظتي بند ڏياري ان کي بچائي ورتو، پر ڪيٽي بندر جي پرسان ڪيترائي ڳوٺ سمنڊ ڪڙڪائي چڪو آهي.“

هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته، ”شهر جي پرسان هڪ تمار وڌي رائيس مل هوندي هئي، جتان ڳاڙهن چانورن جي عرب ملڪن ڏانهن برآمد ٿيندي، پر هاڻي اها رائيس مل پڻ سمنڊ جي پاڻي هيٺ آهي. اتي هاڻي ٻوٽا پوکيا ويا آهن، پر سامونڊي ويرون چڙهڻ ڪري اهي ٻوٽا لڙهي وڃن ٿا.“ هو وڻ ڪٽجڻ جو سبب علاقي ۾ گيس نه هڻڻ ڄاڻائي ٿو. هن موجب، جڏهن هتي سخت سيارو اچي ٿو ته عام ماڻهن سان گڏ ڪاروباري ماڻهو به وڻ ڪٽين ٿا.

مقامي آبادگار سائين بخش جاکرو ٻڌائي ٿو ته، ڪجهه سال اڳ روزانو تمر جي ڪاٽ جون ٽرڪون گهارو شهر مان گذرنديون ڏسندا هئاسين. ان ڪاروبار ۾ ٻيلي ڪاٽي جا آفيسر به ملوث هئا. هو ٻڌائي ٿو ته، هن وقت به وڻن جي ڪٽائي جاري آهي. ٽٽي ۽ سجاول ۾ وڻن جي ڪاٽ کي ٻورو ٻٽائڻ جون مشينيون لڳايون ويون آهن ۽ اهو ڪم سرعام هلي پيو.

نوان ٻوٽا لڳائڻ سان گڏ ٻيئل وڻ پڻ بچائڻ ضروري آهن

ڪلائيميٽ ايڪشن سينٽر ڪراچي جي ڊائريڪٽر ۽ ماحوليات جي بچاءَ لاءِ ڪم ڪندڙ ياسر حسين، جيڪو ڪورنگي ڪريڪ جا ڪيترائي دورا ڪري چڪو آهي، ٻڌائي ٿو ته، ڪورنگي ڪريڪ هڪ هاءِ سيڪيورٽي ايراضي آهي. ان باوجود اتان تمر جي وڻن جي ڪٽائي ٿئي پئي، جنهن مان واضح آهي ته، ان ڪم ۾ بااثر ماڻهو ملوث آهن. هن جو خيال آهي ته نوان ٻوٽا پل پوکيو پر ان کان وڌيڪ ٻيئل وڻن کي بچائڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته هڪڙو ٻوٽو وڻ ٿيڻ ۾ 10 کان 20 سالن جو وقت وٺي ٿو. جڏهن ته هڪڙو وڻ ڪٽڻ ۾ 10 منٽ لڳن ٿا، تنهنڪري تمر جا ٻيلا تڏهن ئي بچندا، جڏهن انهن جي ڪٽائي بند ڪرائي ويندي.

ائين ناهي ته انڊس ڊيلٽا مان تمر جا وڻ وڍيندڙن خلاف ڪڏهن ڪا قانوني ڪارروائي ناهي ٿي. 2022ع ۾ ڊيلٽا ۾ موجود ٻيلن کي ”حفاظتي ٻيلا“ قرار ڏيڻ سان گڏ ڪراچيءَ سميت مختلف ضلعن ۾ ڪيترائي ڪيس به داخل ٿيا آهن. چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽ سنڌ رياض وڳڻ موجب، گذريل سال مئي مهيني ۾ وڻ ڪٽيندڙن ٻن جوابدارن؛ طارق ۽ بلال خلاف ڊاڪس ٽاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو ويو، اهڙي طرح جون 2025ع ۾ 5 جوابدارن کي سوگهو ڪري ماڙيپور ٽاڻي تي مٿن ڪيس داخل ڪرايو ويو هو. هن ٻڌايو ته، 2019ع ۾ وڻ ڪٽيندڙ هڪ گورهه جيڪو جوابدار ڪامران ۽ مظهر جي نگراني ۾ ڪم ڪري رهيو هو، ان خلاف وڍي ڪارروائي ڪندي جوابدارن کي گرفتار ڪرائي مٿن ڪيس داخل ڪيو ويو. هن جي دعويٰ آهي ته، هن وقت به ڪورنگيءَ کان سجاول تائين ٻيلي ڪاٽي جا آفيسر ۽ ملازم وڻن جي نگراني ڪن پيا.

ڪلائيميٽ ايڪشن سينٽر ڪراچي جي ڊائريڪٽر ياسر حسين موجب، بااثر ماڻهن جون ڪورنگي ڪريڪ ۾ ٻيٽن تي نظرون آهن، ٻيو ته ڪورنگي ڪريڪ واري ڊيلٽا پورٽ قاسم اٿارٽي جي نگراني ۾ آهي، جنهنڪري ٻيلو ڪاتو انهن وڻن کي بچائڻ ۾ ناڪام نظر اچي ٿو. هو سمجهي ٿو ته ٻيلو ڪاتو وڻن جي واڌي روڪرائڻ لاءِ اهي اثرائتا قدم نه پيو کڻي، جنهن سان واڌي بند ٿي سگهي. ماحولياتي ماهر ناصر پنهور به تمر جي ٻيلن جي تباهيءَ جو سبب انهن جي ڪٽائي ٻڌائي ٿو. هن جو خيال آهي ته، تمر جا ٻيلا هڪڙي ڏينهن يا مهيني ۾ تباهه ناهن ٿيا، اها سالن جي کاهي آهي. ان کاروبار ۾ رڳو ٻيلي ڪاٽي جا نه، پر ضلعي انتظاميا جا آفيسر به شامل آهن.

سيٽلائيٽ تصويرون ڏيکارين ٿيون ته سامونڊي پاڻي ڪجهه ڪريڪن ۾ 54 ڪلوميٽر تائين اندر گهڙي آيو آهي، جنهن مان واضح آهي ته جيڪڏهن تمر جا وڻ هجن ها ته سامونڊي پاڻي ايترو اڳتي نه وڌي ها. هن موجب جڏهن کان سنڌ حڪومت ڪاربن ڪريڊٽس حاصل ڪرڻ شروع ڪيا آهن، تڏهن کان خاص طور تمر جي وڻن جي ڪٽائي گهٽي آهي، پر اها ڪٽائي مڪمل طور بند ٿيڻ بنا ٻيلا بچي نه سگهندا.

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪورنگيءَ کان گهاري، چن وڏو، ڪڏي، ڪائي، پٽياڻي، ڏهو، سيسا، پوري، حجامڙو، ترسيام، ڪوبر، قلندري، ڪهر، واري، ڪجار ۽ سير ڪريڪ تائين انهن 17 ئي ڪريڪس سان گڏ ابراهيم حيدري کان ڪيٽي بندر، ڏکڻ وائلڊ لائيف سينڪچري تائين، گذريل 50 سالن دوران تمر جي ٻيلن جي وڏي پيماني تي ڪٽائي ٿي آهي. سنڌو درياهه جو مٺو پاڻي نه ملڻ ۽ سامونڊي پاڻي گدلو ٿيڻ ڪري به تمر جي ٻيلن کي نقصان پهتو آهي. ان ڳالهه کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي ته. گذريل ٻن ڏهاڪن دوران ڪيٽي بندر کان ڳوٺ ڪاتيار واري سامونڊي پٽيءَ ۾ وڏي پيماني تي ٻوٽا پوکي عالمي رڪارڊ به قائم ڪيا ويا آهن. پر ڪلفٽن اربن فاريسٽ جو باني ۽ سماجي ڪارڪن مسعود لوهار ينيور کان ملير ندي‌ءَ تائين ڊيلٽا جي صورتحال تي پريشاني جو اظهار ڪندي ٻڌائي ٿو ته، ڪراچي ۾ گزري ڪريڪ هوندي هئي، جيڪا ختم ٿي چڪي آهي. باقاعده رٽابندي سان لينڊ مافيا وڻن جي ڪٽائي ڪري رهي آهي. هو مثال ڏئي ٿو ته، ڊيلٽا مان وڻ ڪٽجڻ سبب ئي ڪراچي جي ايئر ڪوالٽي ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي.

سرڪاري دستاويزن مان واضح آهي ته، گذريل 100 سالن دوران سنڌ جي 14 لک 82 هزار ايڪڙن مان 10 لک 37 هزار ايڪڙ تمر جا ٻيلا تباهه ٿيا آهن. سنڌ حڪومت هڪ پاسي انهن جي بحالي لاءِ انڊس ڊيلٽا جي لڳ پڳ ساڍا 7 لک ايڪڙ ايراضيءَ کي حفاظتي ٻيلا قرار ڏنو آهي ۽ ٻيلن جي بحالي لاءِ انڊس ڊيلٽا ڪيپٽل ڪمپنيءَ سان 60 سالن جو ناهه ڪيو آهي، ته ٻئي پاسي ريڑهي ڳوٺ کان ابراهيم حيدري تائين ڪورنگي ڪريڪ ۽ ان جي مختلف ٻيٽن تي موجود تمر جا ٻيلا اڄ به واڌيءَ جو شڪار آهن. سماجي اڳواڻ مسعود لوهار، ياسر حسين، ياسمين شاهه ۽ الماس قاسماڻي تصديق ڪن ٿا ته وڻن جي واڌي جاري آهي، فرق رڳو اهو آهي ته اڳ ڏينهن جو ڪٽائي ٿيندي هئي، هاڻي اها ڪارروائي رات جي وقت ٿئي ٿي. ■

اسڪولي زندگي ۽ زندگيءَ جو اسڪول

شاعر: بختيار هدايت (آذربائيجان)

سنڌيڪار: نصير اعجاز



(بختيار هدايت، 1974ع ۾ آذربائيجان جي علاقي قازخ ۾ پيدا ٿيو. هُن 1995ع ۾ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ 1998ع کان تاريخ جي استاد طور ڪم ڪري رهيو آهي. هُو هاءِ اسڪول واري زماني کان شاعري ڪندو اچي ٿو ۽ آذربائيجان ۾ سندس شاعريءَ جا 4 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. _ ن.ا)



مون کي ياد آهي،
هر اونهاري ۾ اسان اونهاري وارن چراگاهن ڏانهن لڏي ويندا هئاسين.
جيستائين سبق شروع نه ٿيندا هئا، اسان خانه بدوشن واري زندگي گذاريندا هئاسين.
هڪ ڀيري، جڏهن اسان واپس گوٺ موٽياسين،
منهنجو پيلو ڪُڪڙ اونهاري جي چراگاهه ۾ رهجي ويو.
مان ڪيترائي ڀيرا اُتي ويس ۽ ان کي گولي.
مان پنهنجي پيلي ڪُڪڙ کي نه گولي سگهيس.
شايد ڪنهن لومڙيءَ ان کي کائي ڇڏيو هو.
۽ مان تمام گهڻو رُنس.

هڪ ڀيري، منهنجو اڇو ننڍڙو ٻڪر چوري ٿي ويو.
مون هر هنڌ گوليو، پر ان کي نه گولي سگهيس.
۽ مان تمام گهڻو رُنس.

هڪ ڀيري، منهنجو ڪتو، جيڪو ڳئن جي رکوالي ڪندو هو، گم ٿي ويو.
مون ٻيلن ۽ جبلن ۾ تمام گهڻو گوليو.
پوءِ خبر پئي ته بگهڙن ان کي ماري ڇڏيو هو.
مان تمام گهڻو رُنس.

پوءِ جنگ شروع ٿي وئي.
اسان پناهگير ٻڌجي وياسين.
هڪ حقيقي خانه بدوش زندگي شروع ٿي وئي.
اسان هڪ سال اندر ست جايون تبديل ڪيون.
اسان تنبن ۾ رهياسين، بلڪل ايئن جيئن اونهاري جي چراگاهن ۾ رهندا هئاسين.
منهنجو پيءُ ۽ ماءُ روئي رهيا هئا.
هنن سپ ڪجهه وجائي ڇڏيو هو.
پر هنن ان شئي کي نه ٿي ڳوليو، جيڪا انهن وجائي ڇڏي هئي.
ان کي ڳولڻ ناممڪن هو.
وجايل زندگيءَ کي ڳولڻ ناممڪن آهي.

جڏهن کان مون زندگيءَ کي ٽورو سمجهڻ شروع ڪيو.
مون انصاف ڳولڻ شروع ڪيو.
پر مان ان کي نه ڳولي سگهيس.
ٻن جنگهن وارن لومڙن ۽ بگهڙن انصاف کي کائي ڇڏيو هو.

زندگيءَ جي اسڪول جا سبق تمام ڏکيا نڪتا.
هن اسڪول ۾ "شاندار" گريڊ حاصل ڪرڻ لاءِ،
انسان کي سانڊي جهڙو، لومڙ جهڙو، گدڙ جهڙو ٽيٽو پوندو آهي.
پوءِ مون پاڻ کي ڳولڻ شروع ڪيو.
مان آئيني ۾ به پاڻ کي نه ڳولي سگهيس.

تو منهنجي ڪُڪڙ کي ڳولڻ ۾ مدد نه ڪئي.
تو منهنجي ننڍڙي ٻڪريءَ کي ڳولڻ ۾ مدد نه ڪئي.
تو منهنجي ڪتي کي ڳولڻ ۾ مدد نه ڪئي.
تو ان ڳوٺ، ان اونهاري جي چراگاهه کي ڳولڻ ۾ منهنجي مدد نه ڪئي.
هاڻي منهنجي هڪڙي اُلجھا آهي.
مون کي پاڻ کي ڳولڻ ۾ مدد ڪر.
مان ڪٽي به پاڻ کي ٿهڪائي نٿو سگهان.
هي خانه بدوش زندگي ڪيستائين جاري رهندي؟
مان توکي انصاف ڳولڻ لاءِ نٿو چوان.
مان توکي خوشي ڳولڻ لاءِ نٿو چوان.
مون کي ڳول، مون کي ڳول.
منهنجي مدد ڪر ته جيئن مان پاڻ کي ڳولي سگهان.
هر روز، زندگيءَ جي اسڪول ۾ منهنجي غير حاضري لڳائي وجي ٿي.
غير حاضرين تي ڏنڊ لڳايو ويندو.
مهرباني ڪري منهنجي مدد ڪر. ■



پير صاحب پاڳاري چيو هو: ”آئون سنڌ جي مٽيءَ جو روح آهيان“

حافظ مهراڻ



ڪجھ ماڻھو تاريخي دور ۾ پيدا ٿيندا آھن، ۽ ڪجھ ماڻھو پاڻ تاريخ بڻجي ويندا آھن. پير سائين سيد شاھ مردان شاھ ستون پاڳارو جو انھن شخصيتن ۾ شمار ٿيندو ھو، جيڪي جيڪي پاڻ تاريخ بڻجي ويندا آھن.

22 نومبر 1928ع تي پير جو ڳوٺ ۾ جنم ورتل ھن بار جي قسمت ۾ ئي لکيل ھو تہ، ھو تخت تي ويھندو، پر اھو تخت سون جو نہ، ڪنڊن جو ھو، چو تہ سندس والد، سيد صبغت الله شاھ سورھيہ بادشاھ شھيد، انگلينڊ جي انگريز سرڪار سان مھاڏو اٽڪايو ھو. انگريزن جي مڪاريءَ کي للڪارينديحضرت شھيد بادشاھ قاسيءَ جي ڀُمندي کي ڀُمندي ابدي راھ ونڊي چڪو ھو. ان شھادت 15 سالن جي ٻار سيد شاھ مردان شاھ ۽ ميان نادر شاھ کان سندن پيءُ جو سايو کسي ورتو ھو. ھن ٻارڙي کان گادي کسي وئي، ۽ کيس قيد ڪري انگلينڈ موڪليو ويو.

گاديءَ جي بحاليءَ جي ڪنھن سفر جو احوال تاريخ جي صفحن تي ڇڏي پاڻ ھلون ٿا 1952ع ۾، جڏھن پاڻ گاديءَ تي ويٺا، تہ ھر جماعت وري جيئري ٿي پئي. اھا جماعت، جنھن کي انگريزن 30 سالن تائين دٻايو ھو، اھا وري اٿي بيٺي.

پير صاحب جي سياست سمجھڻي آھي تہ پھرين ھر جماعت کي سمجھڻو پوندو. ھر جماعت رڳو ھڪ جماعت نہ آھي، پر اھا ھڪ رضاڪاراڻو مجاھد فورس آھي، ھڪ نظريو آھي، قرباني جو نالو آھي، ۽ پير صاحب ان جو سپھ سالار ھو.

1965ع واري جنگ ۾ جڏھن ھندستان پاڪستان تي حملو ڪيو، تہ پير صاحب جي ھڪ اشاري تي 20 ھزار ھر رضاڪار سرحد تي پھچي ويا. اھي نہ پگھار لاءِ ويا ھئا، نہ ڪنھن عھدي لاءِ، پر اھي پنھنجي مرشد جي حڪم تي ويا ھئا. جڏھن پير صاحب حرن کي پنھنجي وطن جي حفاظت لاءِ سڏيو، تہ فقير محمد امين سيپ کان اڳتي ھو. فقير صاحب مرشد جو حڪم ٻڌندي ئي پنھنجي ساٿين سميت سرحد ڏانھن ھليو ويو. ٽرجي واري ۾، جتي پاڻي بہ نہ ھو، جتي ماني بہ نہ ھئي، اتي ھو ڏينھن رات سرحد جي ڳوٺن ۾ وڃي وطن جي حفاظت لاءِ حرن کي تيار ڪندو رھيو. جنگ ۾ ھر مجاھدن جي شموليت سان سرحد جي سنڌ واري پاسي کان پاڪستان جي فوج کي وڏي مدد ملي. فقير محمد امين ان 1965ع واري جنگ جو ھيرو ھو. اڳتي ھلي وري پير صاحب ۽ سندس جماعت لاءِ آزمائشون وڌيون ۽ انھن آزمائشن ۾ فقير صاحب پنھنجو سر ڏئي سرھو ٿيو. جڏھن پير صاحب کي فقير محمد امين مگرئي جي شھادت جي خبر ملي تہ پاڻ ڏاڍا ڏکارا ٿيا، پر ھن پنھنجي ڏک جو اظھار ڪنھن سان بہ نہ ڪيو.

گھٽو وقت پوءِ پير صاحب جن شھيد فقير محمد امين منگرئي جي خاندان کي پاڻ وٽ گھرايو. کين دعائون ڏنيون، ۽ چيو تہ شھيد جي قرباني ڪڏھن بہ وساري نہ ويندي.

سياست ۾ پير صاحب کي سڀ کان اھم اڳواڻ سمجھيو ويندو ھو. مطلب تہ سنڌ ۾ ڪير وڏو وزير ٿيندو، اسلام آباد ۾ ڪير وزيراعظم ٿيندو، ان جو فيصلو گھٽو ڪري ڪنگري ھائوس مان ٿيندو ھو. وڏا وڏا سياستدان، جيڪي ڪراچي ۽ اسلام آباد ۾ وڏيون ڳالھيون ڪندا ھئا، اھي پير ڳوٺ يا ڪنگري ھائوس تي اچي، بادشاھ جي پيرن ۾ ويھي، ڪانئس صلاح پڇندا ھئا. اھو ئي حضرت بادشاھ جي سياست جو جادو ھو.

پير صاحب ڪڏھن بہ ڪنھن جي غلامي نہ ڪئي. ھو جنھن سان بہ گڏ ھوندو ھو، ان جي ھر ممڪن مدد ڪندو ھو. ھو پنھنجي فيصلي جو پاڻ مالڪ ھو. پير صاحب جي شخصيت ۾ ٻہ رنگ ھئا: ھڪ رنگ روحاني پير جو ھو، جيڪو درگاھ تي ويھي مريدن جا مسئلا ٻڌندو ھو ۽ ٻيو رنگ سياسي اگواڻ وارو ھو، جنھن ۾ ھو وڏي سياست ۾ ڪنگ ميڪر ھئو.

سندس پيشنگوئين جو تہ ھڪ الڳ ئي داستان آھي. جڏھن چوندو ھو تہ، ”فلاڻي حڪومت ويندي،“ تہ اھا واقعي اھا ختم ٿي ويندي ھئي، جڏھن چوندو ھو تہ، ”فلاڻو وزيراعظم ٿيندو“ تہ سندس اھا ڳالھہ سچ ثابت ٿيندي ھئي. ماڻھو چوندا ھئا تہ، پير صاحب کي غيب جو علم آھي، پر حقيقت اھا ھئي تہ پير صاحب کي سياست جي نبض جو علم ھو. ھو ماڻھن جي چھرن کي پڙھڻ ڄاڻندو ھو.

پر پير صاحب رڳو سياستدان نہ ھو. ھو ھڪ سچو سنڌي بہ ھو. ھو ڪرڪيٽ جو شوقين ھو، شڪار جو شوقين ھو ۽ گھوڙن جو شوقين ھو. ھن سنڌ جي ڪرڪيٽ کي جيئرو ڪيو. ھو چاھيندو ھو تہ سنڌ ترقي ڪري، ٽر سائو ٿئي، ۽ سندس اھو بيان تاريخ جي ريڪارڊ ۾ محفوظ آھي تہ، ”آئون سنڌ جي مٽيءَ جو روح آھيان.“

اڄ جڏھن پير صاحب جي وصال کي 14 سال ٿي ويا آھن، تہ بہ پير جو ڳوٺ جو سياسي عروج ساڳيو آھي. اڄ بہ اتي ماڻھو اچن ٿا، دعائن سان گڏ علم، ادب، دين جي دوستي ۽ وطن دوستي گڏ گڏ ھلن ٿا. اڄ بہ سنڌ جي سياست ۾ پير پاڳاري جو نالو وڏي عزت سان ورتو وڃي ٿو.

پير صاحب جي وفات سان ھڪ دور ختم ٿي ويو. ھاڻي اھڙا اگواڻ پيدا نہ ٿا ٿين، جيڪي خانقاھون بہ سنڀالين ۽ اسيمبلين ۾ بہ پنھنجي ڳالھہ مڃائين. پير صاحب ھميشہ لاءِ ھُن پار ھليو ويو، پر سندس ڪردار اڄا زنده آھي. پاڪستان جي سياست ۾ حرن جي دلين ۾ ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ پير پاڳارو زنده آھي ۽ زنده رھندو. ■



جنم: 7 ڊسمبر 1934 (سوپوديرو)
لاڏاڻو: 25 نومبر 1999 (اسلام آباد)

ڊاڪٽر تنوير عباسي: سنڌ کان رُسي ويل ھڪ روح

ڪفايت گل



مون کي اڄ بہ خاڪي شاھ پل تي واقع ”سرمد جي گھر“ جون اھي شامون چٽيءَ طرح ياد آھن، جڏھن اتي علم، ادب، شاعري ۽ فڪر جون محفلون سجايل ھونديون ھيون، جتي سنڌ جا نامياريا شاعر، اديب، صحافي ۽ دانشور، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي صحبت مان فيض حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي سڪ ۽ اُڪير سان ڪھي ايندا ھئا. اھا رڳو ڪچھري نہ ھوندي ھئي، پر ڇڻ ڪا درسگاھ ھوندي ھئي، جتي خيالن کي وسعت، سوچ کي سگھہ ۽ روح کي سڪون ملندو ھو.

مون پنھنجي اکين سان پھريون پيرو راڳ جي راڻي، مانواري عابده پروين کي بہ ڊاڪٽر صاحب جي آستاني تي عقيدت ۽ احترام سان قدم پريندي ڏٺو. اھڙيون محفلون ڪنھن ھڪ شخص جي گھر جون محفلون نہ ھيون، پر اھي سنڌ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي زندگيءَ جو روشن باب ھيون.

پر ھر روشن چراغ جي چوڌاري ڪيئي پاڇا بہ ھوندا آھن. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي زندگيءَ ۾ بہ ڪي اھڙا تلخ موڙ آيا، جن شاھ لطيف يونيورسٽيءَ سان سندس وابستگيءَ کي ڏک ۽ رنجش ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. خاص طور تي سچل چيئر جي ڊائريڪٽريءَ کان الڳ ٿيڻ کان پوءِ پيدا ٿيل صورتحال سندس لاءِ ڏکوئيندڙ ثابت ٿي. ان دور جي وائيس چانسلر سان سندس اختلافن بابت ادبي حلقن ۾ مختلف ڳالھيون ٿيندیون رھيون. منھنجي نظر ۾ انھن واقعن جو غيرجانبدار ادبي ۽ تاريخي جائزو وٺڻ اڄ بہ ضروري آھي، ڇاڪاڻ تہ ادارن جي تاريخ رڳو عمارتن سان نہ، پر انھن اندر ٿيندڙ روين ۽ فيصلن سان بہ لکجي ٿي.

چيو وڃي ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب يونيورسٽيءَ لاءِ پنھنجون سموريون علمي ۽ فڪري صلاحيتون ڪتب آنديون، پر موٽ ۾ ڪيس اھي آسودگيون نصيب نہ ٿيون، جن جو ھو حقدار ھو. اختلافن جي اھا ديوار آھستي آھستي ايتري اوچي ٿي وئي، جو ھڪ حساس دل رکندڙ انسان لاءِ پنھنجي ئي شھر جي علمي ماحول ۾ رھڻ ڏکيو ٿي پيو.

آخرڪار، دل ۾ دردن جا انبار کڻي ڊاڪٽر تنوير عباسي خيرپور کان اسلام آباد ڏانھن روانو ٿيو. اھا رڳو ھڪ شھر کان ٻئي شھر ڏانھن ھجرت نہ ھئي، پر ھڪ اھڙي حساس انسان جي دل آزاريءَ جو داستان ھئي، جنھن پنھنجي علم، محبت ۽ محنت سان کيترن ئي ماڻھن جي دلين کي روشن ڪيو ھو. پوءِ وقت اھڙو ڦيرو کاڌو، جو اھو روشن ذھن، اھو حساس شاعر ۽ اھو انسان دوست مفڪر اسلام آباد ۾ ئي اسان کان ھميشہ لاءِ وڇڙي ويو.

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ سان شايد سندس دور انصاف نہ ڪري سگھيو، پر اينڊ نسلن کي اھو حق ضرور آھي تہ ھو سندس فڪر کان محروم نہ رھن. ■

سياحت: معاشي ترقي، عالمي امن ۽ بين المذهبي هم آهنگي

ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو





سياحت (Tourism) ڪنهن به ملڪ جي معاشي ترقي، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ سماجي خوشحاليءَ کي هٿي ڏيڻ جو هڪ اهم ذريعو هوندي آهي. سياحت نه رڳو ملڪي معيشت ۾ واڌارو آڻي ٿي، پر پائيدار ترقيءَ جي مقصدن (Sustainable Development Goals – SDGs) کي حاصل ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثئي ٿي. گڏيل قومن پاران مقرر ڪيل 2030ع جي ترقياتي ايجنڈا جو بنيادي مقصد معاشي، سماجي ۽ ماحولياتي ترقيءَ ۾ توازن پيدا ڪرڻ آهي، ته جيئن موجوده نسل سان گڏ ايندڙ نسلن لاءِ به بهتر ۽ محفوظ مستقبل کي يقيني بڻائي سگهجي.

موجوده عالمي صورتحال ۾ جنگين، سياسي چڪتاڻ ۽ مختلف ملڪن وچ ۾ وڌندڙ تڪرارن جا اثر عام ماڻهن جي زندگي، روزگار ۽ معاشي سرگرمين تي پئجي رهيا آهن. اهڙي ماحول ۾ سياحت ۽ ثقافتي مٽاسٽا قومن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ ۽ باهمي احترام ۽ پائيچاري کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. جڏهن ماڻهو مختلف ملڪن جو سفر ڪن ٿا، تڏهن اتي جي ثقافت، تاريخ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ سان واقف ٿين ٿا. ان سان گڏ سندن وچ ۾ هڪٻئي بابت سمجهه ۽ احترام وڌي ٿو. ان کان علاوه سياحت بين الاقوامي سفارتڪاري (International Diplomacy) ۽ قومن وچ ۾ لاڳاپن کي بهتر بڻائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. جڏهن مختلف ملڪن جا ماڻهو هڪٻئي جي ثقافت، تاريخ، رهڻي ڪهڻي ۽ سماجي قدرن کي ويجهي کان ڏسن ۽ سمجهن ٿا تڏهن انهن وچ ۾ غلط فهميون، تعصب ۽ بي اعتمادي گهٽجڻ جا امڪان پيدا ٿين ٿا. اهڙي ثقافتي رابطي ۽ عوامي سطح تي ميل جول کي عوامي سفارتڪاري (Public Diplomacy) جو هڪ اهم حصو سمجهيو وڃي ٿو. سياحت مختلف قومن جي ماڻهن کي گڏجڻ، ڳالهه ٻولهه، ثقافتي مٽاسٽا ۽ گڏيل تجربن جا موقعا فراهم ڪري ٿي، جنهن سان سفارتي لاڳاپن کي هٿي ملي سگهي ٿي ۽ ملڪن وچ ۾ سياسي چڪتاڻ ۽ تڪرارن کي گهٽائڻ لاءِ سازگار ماحول پيدا ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت سياحت عالمي امن، گڏيل احترام، اعتماد سازي ۽ بين الاقوامي سهڪار کي مضبوط ڪرڻ جو هڪ اهم ذريعو بڻجي سگهي ٿي.

ترقي پذير ملڪن، خاص طور تي پاڪستان، لاءِ ضروري آهي ته سياحت کي هڪ جامع پاليسيءَ تحت ترقي ڏني وڃي. سياحت جو تصور رڳو هوٽلن، باغن ۽ تفريحي ماڳن جي تعمير تائين محدود نه هئڻ گهرجي، پر ان ۾ روزگار جي فراهمي، بنيادي ڍانچي جي بهتري، ماحولياتي تحفظ، تاريخي ورثي جي حفاظت ۽ مقامي معيشت کي مضبوط ڪرڻ جهڙا پهلو پڻ شامل هئڻ گهرجن. اهڙي رٿابنديءَ سان سياحت جا فائدا عام ماڻهن تائين پهچي سگهن ٿا.

سياحت جا ڪيترائي قسم آهن، جن ۾ تفريحي سياحت، تاريخي ماڳن جو سير، قدرتي نظارن جي سياحت، ثقافتي ورثي جي سياحت ۽ مذهبي سياحت شامل آهي. مذهبي سياحت (Religious Tourism) خاص اهميت رکي ٿي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ماڻهو پنهنجي عقيدي، روحاني وابستگي ۽ مذهبي روايتن سان لاڳاپيل مقدس ماڳن، مزارن، مندرن ۽ ٻين عبادتگاهن جو دورو ڪن ٿا. اهڙي سياحت نه رڳو ماڻهن جي روحاني تسڪين جو سبب بڻجي ٿي، پر مختلف مذهبن ۽ ثقافتن جي ماڻهن وچ ۾ رواداري، احترام ۽ پائيچاري کي به هٿي ڏئي ٿي. ان سان گڏ مقامي واپار، هوٽلن، ٽرانسپورٽ، ڪاڌي پيتي ۽ ٻين خدمتن سان لاڳاپيل روزگار جا موقعا پڻ پيدا ٿين ٿا.

سنڌ مذهبي، تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جي لحاظ کان هڪ شاهوڪار خطو آهي. هتي مختلف مذهبن ۽ عقيدن سان لاڳاپيل اهڙا ڪيترائي ماڳ موجود آهن، جن کي بهتر رٿابنديءَ ذريعي اهم سياحتي مرڪزن ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. سيوهڻ شريف ۾ حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار، پٽ شاهه تي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي درگاهه ۽ ٺٽي الهيار ۾ راماپير جو مندر اهڙا اهم ماڳ آهن، جتي هر سال وڏي تعداد ۾ عقيدتمند ۽ زائرين اچن ٿا. انهن ماڳن تي رهائش، آمد و رفت، صفائي، پيئڻ جي صاف پاڻي، طبي سهولتن ۽ سيڪيورٽيءَ جو بهتر انتظام ڪيو وڃي ته زائرين جي سهولت سان گڏ مقامي ماڻهن لاءِ معاشي سرگرمين ۽ روزگار جا وڌيڪ موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا.

ٽپارڪر جو نگرپارڪر علاقو پڻ مذهبي ۽ تاريخي سياحت جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو. هتي گوري، پوڙيسر ۽ ويرواه سميت مختلف هنڌن تي قديم جين مندر موجود آهن، جيڪي پنهنجي تاريخي، مذهبي ۽ اڏاوتي اهميت سبب سياحن ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن لاءِ ڪشش جو مرڪز بڻجي سگهن ٿا. خاص طور تي گوريءَ جو جين مندر پنهنجي پٿر جي نفيس اُڪر ۽ اڏاوتي هنر جي ڪري نمايان حيثيت رکي ٿو. نگرپارڪر جي قدرتي خوبصورتي، ڪارونجهر جبلن، قديم آثارن ۽ ثقافتي ورثي کي گڏائي هڪ جامع سياحتي رستو (Tourism Circuit) تيار ڪري سگهجي ٿو، جنهن سان هن علاقي جي معاشي ۽ سماجي ترقيءَ جا نوان امڪان پيدا ٿيندا.

سياحت رڳو معاشي خوشحاليءَ جو ذريعو نه، پر قومن کي ويجهو آڻڻ، مذهبي رواداري وڌائڻ ۽ عالمي امن کي هٿي ڏيڻ جو به اهم وسيلو آهي. سنڌ جي تاريخي، مذهبي ۽ ثقافتي ورثي کي بهتر نموني اجاگر ڪري سياحت کي روزگار، ترقي ۽ بين المذهبي هم آهنگيءَ جي مضبوط بنياد ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.

ٽپارڪر ۾ چوريو جبل تي قائم درگا ماتا جو مندر پڻ مذهبي سياحت جو هڪ اهم ماڳ آهي، خاص طور تي شِوَ راتريءَ جي موقعي تي هتي وڏي تعداد ۾ عقيدتمند اچن ٿا. هي ماڳ پنهنجي مذهبي اهميت سان گڏ جبلن جي قدرتي نظارن سبب پڻ سياحن لاءِ ڪشش رکي ٿو. جيڪڏهن هتي آمد و رفت، رهائش، صفائي ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي بهتر بڻايو وڃي ته هي علاقو وڌيڪ سياحن کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪري سگهي ٿو. ساڳيءَ ريت بدين ضلعي ۾ پنگريو پرسان سمن سرڪار جي مزار پڻ مذهبي ۽ ثقافتي طور اهميت رکي ٿي. هتي هر سال ٽيندڙ عرس ۽ ٻين مذهبي سرگرمين ۾ وڏي تعداد ۾ عقيدتمند شرڪت ڪن ٿا. اهڙن موقعن تي لڳندڙ ميلا ۽ بازارون مقامي واپار، هٿ جي هنرن ۽ روزگار کي هٿي ڏين ٿيون. جيڪڏهن زائرين لاءِ پيئڻ جي صاف پاڻي، طبي امداد، صفائي، رهائش ۽ ٽرانسپورٽ جون مناسب سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته هن ماڳ جي سياحتي اهميت وڌيڪ وڌي سگهي ٿي.

مذهبي سياحت جي حوالي سان هنگلاج ماتا جو مندر پڻ خاص اهميت رکي ٿو. جيڪو سنڌ ۾ نه، پر بلوچستان جي ضلعي لسبيلي ۾ هنگول نيشنل پارڪ اندر واقع آهي. هي قديم هندو تيرٿ ياترا جو هڪ اهم مقدس ماڳ آهي، جتي پاڪستان سميت ٻين ملڪن مان به عقيدتمند اچن ٿا. غارن، جبلن، هنگول درياهه ۽ قدرتي نظارن سان گهيريل هي علاقو مذهبي سياحت سان گڏ قدرتي ۽ ماحولياتي سياحت لاءِ پڻ وڏي صلاحيت رکي ٿو. هنگلاج ماتا جي ياترا کي سنڌ جي مذهبي ۽ تاريخي ماڳن سان گڏيو هڪ علاقائي سياحتي رستو تيار ڪري سگهجي ٿو، جنهن سان سنڌ ۽ بلوچستان ٻنهي صوبن جي سياحتي ۽ معاشي سرگرمين کي هٿي ملي سگهي ٿي.

انهن سڀني ماڳن جي سياحتي صلاحيت مان پرپور فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته حڪومت هڪ مربوط ۽ عملي سياحتي پاليسي جوڙي. تاريخي مندرن، مزارن ۽ ٻين ورثي وارن ماڳن جي حفاظت ۽ بحاليءَ لاءِ قدم کنيا وڃن. روڊن، ٽرانسپورٽ، رهائش، صفائي، پيئڻ جي پاڻي، طبي امداد ۽ سيڪيورٽيءَ جون سهولتون بهتر بڻايون وڃن. سياحن جي رهنمائيءَ لاءِ معلوماتي مرڪز ۽ تربيت يافته گائيڊ مقرر ڪيا وڃن. ان سان گڏ مقامي ماڻهن کي سياحت جي رٿابندي ۽ انتظام ۾ شامل ڪيو وڃي، جيئن هو مهمان نوازي، ٽرانسپورٽ، ڪاڌي پيتي، هٿ جي هنر ۽ ٻين خدمتن ذريعي سڌو سنئون فائدو حاصل ڪري سگهن. خاص طور تي نوجوانن ۽ عورتن لاءِ ننڍن ڪاروبارن ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ تي ڌيان ڏنو وڃي. عرسن، ميلن ۽ ثقافتي سرگرمين کي به بهتر نموني منظم ڪيو وڃي، پر ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته تاريخي ورثي، مذهبي سڃاڻپ ۽ ماحولياتي توازن کي نقصان نه پهچي.

حقيقت ۾ مذهبي ۽ تاريخي سياحت کي رڳو آمدني يا تفريح جو ذريعو سمجهڻ مناسب نه ٿيندو. اها مختلف مذهبن، قومن ۽ ثقافتن جي ماڻهن وچ ۾ محبت، احترام، رواداري ۽ پائيچاري کي مضبوط ڪرڻ جو به هڪ اهم وسيلو آهي. سنڌ جي صوفي روايت، مذهبي هم آهنگي ۽ تاريخي ورثي کي دنيا آڏو بهتر نموني پيش ڪري سگهي ٿي. ان سان نه رڳو مقامي معيشت مضبوط ٿيندي، پر روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا، پرڏيهي ناٿو حاصل ٿيندو ۽ سنڌ جي مثبت سڃاڻپ عالمي سطح تي اجاگر ٿيندي.

ان ڪري سياحت کي رڳو تفريحي سرگرميءَ بدران معاشي ترقي، سماجي هم آهنگي، تاريخي ورثي جي تحفظ ۽ عالمي امن جي فروغ لاءِ هڪ اهم حڪمت عمليءَ طور اختيار ڪرڻ گهرجي. سنڌ وٽ مذهبي، تاريخي، ثقافتي ۽ قدرتي سياحت جا وسيع امڪان موجود آهن: ضرورت رڳو انهن کي صحيح رٿابندي ۽ بنيادي سهولتن ۽ مستقل پاليسيءَ ذريعي عملي شڪل ڏيڻ جي آهي.

مختصر طور، سياحت رڳو معاشي خوشحاليءَ جو ذريعو نه، پر قومن کي ويجهو آڻڻ، مذهبي رواداري وڌائڻ ۽ عالمي امن کي هٿي ڏيڻ جو به اهم وسيلو آهي. سنڌ جي تاريخي، مذهبي ۽ ثقافتي ورثي کي بهتر نموني اجاگر ڪري سياحت کي روزگار، ترقي ۽ بين المذهبي هم آهنگيءَ جي مضبوط بنياد ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هن قومي ورثي کي محفوظ رکندي ان جي صلاحيتن مان پرپور فائدو حاصل ڪيو وڃي. ■

ننڍي جي گھٽين ۾ سرمد جيان گھمندڙ مشتاق ڪاملاٽيءَ جي موڪلاٽي

غلام مصطفيٰ کاوڙ



سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڪي اهڙا نالا به آهن، جيڪي پنهنجي تخليقي صلاحيتن باوجود وقت جي بيرحم حالتن ۽ سماجي بيحسيءَ جي ور چڙهي ويا. مشتاق ڪاملاٽي به اهڙوئي هڪ نالو هو، جنهن جي اندر هڪ غيرمعمولي ذهين ليکڪ، حساس کهاڙيڪار ۽ تخليقڪار موجود هو، پر هن جي زندگيءَ جو هڪ وڏو حصو گمنامي، ذهني اذيت ۽ دربدريءَ ۾ گذريو. اڄ مشتاق ڪاملاٽي جسماني طور هن دنيا مان موڪلائي ويو آهي، پر سندس زندگيءَ جا سوال ۽ سندس ادبي سڃاڻپ اسان جي اجتماعي ضمير آڏو بينل آهي.



مشتاق ڪاملاٽي سنڌ يونيورسٽيءَ جو هڪ ذهين شاگرد هو. سندس ذهن تخليقي سوچ سان ڀرپور ۽ قلم سماج جي اندروني تضادن کي بيان ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ هو. هن ننڍي عمر ۾ ئي ادب جي دنيا ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ پيدا ڪئي. سندس افسانن ۾ سماجي حقيقتن، انساني دردن ۽ سياسي جبر جي عڪاسي نظر اچي ٿي. ضياءَ جو آمريتي دور سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي تاريخ جو انتهائي ڏکيو دور هو. ان دور جي گھُٽ ۽ ٻوسٽ خلاف مشتاق ڪاملاٽيءَ "گھُٽيل فضا" جي عنوان سان کهاڙي لکي. سندس زندگيءَ بابت بيان ڪيل واقعن موجب، ان کهاڙيءَ کان پوءِ ڪيس پکڙي مٿس سخت تشدد ڪيو ويو. چيو وڃي ٿو ته ان اذيت سندس ذهني صحت تي انتهائي خراب اثر ڇڏيا. هڪ اهڙو نوجوان، جنهن جي اکين ۾ علم، ادب ۽ تخليق جا خواب هئا، سو آهستي آهستي پنهنجي ئي ماحول کان ڪٽجڻ لڳو. سندس ذهني حالت خراب ٿيندي وئي، ادبي سرگرميون ختم ٿي ويون ۽ کهاڙين جو اهو سلسلو، جنهن مان سنڌي ادب کي ڪيترين ئي شاهڪار کهاڙيون ملي سگھيون پئي، سو اڌ ۾ ختم ٿي ويو.

مشتاق ڪاملاٽيءَ جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو المیو اهو هو ته، سندس ادبي سڃاڻپ آهستي آهستي ماڻهن جي ذهنن تان ميسارجي وئي. سندس افسانا ۽ لکيل مواد ٽڙي پکڙي ويو. هو ٻئي ۽ سجاول جي گھٽين ۾ دربدر زندگي گذارڻ لڳو. پنهنجي بهترين انگريزي ٻوليءَ ۾ "گوِ مي ٽري رپيز، پليز" (Give Me Three Rupees Please)چئي ماڻهن کان مدد گھرندو هو.

افسوس جو نئين نسل جي ڪيترن ماڻهن لاءِ هو رڳو هڪ خيرات گھرندڙ شخص بڻجي ويو هو. ڪنهن کي به اها خبر نه هئي ته، هن شخص جي اندر ڪڏهن هڪ ذهين شاگرد، هڪ پڙهيل لکيل نوجوان ۽ سنڌي ادب جو حساس کهاڙيڪار موجود هئو. جنهن ماڻهوءَ ڪڏهن پنهنجي قلم سان سماج جي درد کي لفظ ڏنا هئا، تنهن کي سڃاڻڻ نه گھرجي ها؟

مشتاق ڪاملاٽيءَ جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو المیو اهو هو ته، سندس ادبي سڃاڻپ آهستي آهستي ماڻهن جي ذهنن تان ميسارجي وئي. سندس افسانا ۽ لکيل مواد ٽڙي پکڙي ويو. هو ٻئي ۽ سجاول جي گھٽين ۾ دربدر زندگي گذارڻ لڳو. پنهنجي بهترين انگريزي ٻوليءَ ۾ "گوِ مي ٽري رپيز، پليز" (Give Me Three Rupees Please)چئي ماڻهن کان مدد گھرندو هو.

مشتاق ڪاملاٽيءَ جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو المیو اهو هو ته، سندس ادبي سڃاڻپ آهستي آهستي ماڻهن جي ذهنن تان ميسارجي وئي. سندس افسانا ۽ لکيل مواد ٽڙي پکڙي ويو. هو ٻئي ۽ سجاول جي گھٽين ۾ دربدر زندگي گذارڻ لڳو. سندس ادبي سڃاڻپ ساڳئي سماج ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ به ڪو آواز نه هو.

مشتاق ڪاملاٽيءَ جا "گونگي بارش" ۽ "چيپاٽيل رت" جهڙا افسانا سندس تخليقي سگھ ۽ ادبي صلاحيتن جو ثبوت آهن. انهن لکڻين جا عنوان ئي سندس فڪري دنيا جي گھرائين جو احساس ڏيارين ٿا. هو اهڙو ليکڪ هو، جنهن وٽ لفظن جي دولت، سوچ جي وسعت ۽ مشاهدي جي سگھ موجود هئي، پر زندگيءَ جي تلخ حالتن سندس تخليقي سفر کي روڪي ڇڏيو هو.

سوال اهو آهي ته اسان پنهنجي انهن ليکڪن ۽ دانشورن کي زنده هوندي چو نٿا سڃاڻون؟ اسان وٽ ڪنهن تخليقڪار جي قدر ڪرڻ لاءِ سندس وڇوڙي جو انتظار چو ڪيو ويندو آهي؟ ڇا مشتاق ڪاملاٽيءَ جي زندگيءَ ۾ سندس ادبي ڪم کي گڏ ڪرڻ، سندس علاج ۽ سار سنيال لاءِ سماج، ادبي ادارن ۽ سرڪاري حلقن کي اڳتي اچڻ نه گھرجي ها؟

مشتاق ڪاملاٽيءَ جو وڇوڙو رڳو هڪ فرد جو موت ناهي، پر اهو سنڌي ادب جو پٽ هڪ وڏو نقصان آهي. سندس زندگيءَ جي واقعن جي مڪمل تاريخي ۽ دستاويزي سهيڙ ٿيڻ گھرجي، سندس بچيل تحريرون ڳولي گڏ ڪيون وڃن ۽ سندس ادبي خدمتن کي محفوظ ڪيو وڃي.

اڄ هو پنهنجي گودڙي چنڊي هن دنيا مان موڪلائي ويو، پر سندس زندگيءَ جو درد اسان جي سماج کان هڪ سوال ضرور پڇي ٿو ته: جنهن شخص وٽ ڪڏهن سنڌي ادب کي ڏيڻ لاءِ گھڻو ڪجهه هو، تنهن کي آخر ايتري گمنامي ڇو ملي؟

مشتاق ڪاملاٽي هليو ويو، پر سندس کهاڙي ختم نه ٿي آهي. سندس قلم خاموش ٿيو، پر سندس زندگيءَ جو درد اڃا به ڳالهائي رهيو آهي.

مشتاق کيترائي سوال ڇڏي ويو آهي: آخر هماليه جهڙي مضبوط ذهن دنيا کي ڇو ترڪ ڪيو، ڇو زنده هوندي نشي جي لت ۾ لڳي ايترو پري هليو ويو، جتان ٻيهر واپسي ممڪن ناهي ٿي. ■

فياض چنڊ ڪليريءَ جا امر اقبال ڪي لکيل پهريون خط



فياض چنڊ پهريون خط مون ڪي ڪراچيءَ 1993ع ۾ لکيو هو. 1994ع ۾ هو مون وٽ اين اِي ڊي يونيورسٽي ڪراچيءَ جي "ايم بي ڪيو ون" هاسٽل تي ملڻ آيو هو. ۽ هڪ رات رهيو به هو مون وٽ. ان وقت هو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري ۾ پڙهندو هو. صبح جو مان ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ لاءِ ڪئمپس ويو هيس، پويان فياض چنيءَ تي نظم نما خط لکي، ڄامشوري هليو ويو هيو... ۽ هاڻي هو ڪڏهن ٻه مون ڏانهن ڪوئي خط لکي نه سگهندو. سندس لکيل ٻه خط هيٺ ڏجن ٿا:ـ امر اقبال

پهريون خط

امر جاني!

ڪجهه ديرا اڳ مون اندين مووي "پهر تيري ڪهاني ياد آئي" پئي ڏٺي، ان ۾ شامل هڪ گيت جون سِٽون، وجود جا سمورا لوڙها لتاڙيندیون، دل جي دروازي تي دستڪ ڏيڻ لڳيون:

آنے والا کل اک سپنا لگتا ہے
گذرا ہوا کل کچھ اپنا لگتا ہے
ہم گذرے ہوئے کل میں رہتے ہیں
یادوں کے سب جگنو جنگل میں رہتے ہیں.

فلم استاپ ڪرڻ کان بنهه ڪجهه پل پوءِ، منهنجي نندڑي پاڻ، تنهنجو خط اڇي هٿ ۾ ڏنو.. ۽ منهنجي خيرپور ۾ گذاريل "ڪالهه" کي، اڄ تنهنجي احساسن، نئون رنگ ڏنو. تون ابتدا لاءِ چو مُنجهي پئين؟! اوپرن ماڻهن سان واسطن جو واڌ جوڙيندي، آگريون ڏکنديون آهن.. ته آئون توکي اوپرو ٿي لڳس.....؟!

دوست! ويجهڙائپ لاءِ سالن جا سلسلا ۽ واسطا ضروري ته نه هوندا آهن.... ۽ آئون ته هر انهيءَ پنڇيءَ کي پنهنجو ڄاڻيندو آهيان، جيڪو سج لهڻ ۽ چنڊ اپرڻ وقت، ڪنهن جي سارَ ۾ سڏ ڪندو آهي.... ڇا تو منهنجي شعرن ۾ صدين جي صدائن جا پڙاڏا نه ٻڌا آهن؟! مون وٽان تنهنجي ائڊريس گم ٿي وئي هئي، نه ته آئون پاڻ توکي، پنهنجي سار جو احساس ڏياريان ها.... ته ڇا آئون، آئنده ويساهه رکان، ته هڪ اداس ڪمري ۾ رهندڙ ڪوي، جڏهن به اکين کي آلو ڪندو ۽ جڏهن به چپن جا چنگ وڄائيندو، ته ان سمي، مونکي، بنان ڪنهن اٽڪاءِ جي لفافي ۾ ڪجهه پنل پَلَ اماڻيندو؟!

فياض چنڊ ڪليري/ نوابشاهه
27جنوري 1993ع



هڪ يادگار تصوير: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس 1994ع، ويٺل (ساڄي کان) ضراب حيدر، امراقبال، علي عابد. بيٺل (ساڄي کان) فياض چنڊ ڪليري، خالد ٻانيڻ، غلام نبي ويسر، ضمير لاشاري، سيد فدا حسين شاهه، صفر ڪلهوڙو، پروفيسر امان ٻيتي، نثار ٻانيڻ، حبيب ساجد ۽ پرويز ابڙو.

پيوخط

پياريا امر!

پَل سَڀ پياريا نه ٿا ٿي سگهن
بنهه ائين، جيئن
سڀ چپ پياريا نه هوندا آهن
پل اهي ئي امر هوندا آهن
جيڪي امر ماڻهن جي
ڏڪنن جو ساز محسوس ٿيندا آهن
هڪڙي گلابي آس آهي ته
تون سدائين
پنهنجي معصوميت جهڙا
اجرا نظر لکندو رَهُ
۽ تنهنجيون اکيون
توسان ڪڏهن به نه پرچن!

فياض چنڊ/ ڪراچي
14نومبر 1994ع



نالي واري شاعر فياض چنڊ ڪليريءَ جي جدائي

الهه بخش راڻوڙ



سنڌ جو نالیوارو شاعر ۽ کاٽيڪار فياض چنڊ ڪليري 18 نومبر 2026 تي اسان کان وڇڙي ويو. هن 29 مئي 1974ع تي نوابشاهه ۾ غلام مصطفيٰ خان ڪليريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. بي. اي (آنرس اڪنامڪ) سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۽ بي. ايڊ پائلٽ اسڪول نوابشاهه مان حاصل ڪئي. 1990ع ڌاري روزاني ڪاوش حيدرآباد ۾ سب ايڊيٽر طور صحافت جي شروعات ڪيائين. بعد ۾ مختلف سنڌي اخبارن ۾ سب ايڊيٽر، نيوز ايڊيٽر ۽ رپورٽر طور ڪم ڪندو رهيو. هو سنڌي ادبي سنگت نوابشاهه سان به سلهاڙيل رهيو. سندس شاعريءَ جو مجموعو 'نه اُپريو ڪو چنڊ دل تي' 2010ع ۾ ڇپيو.

1980ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ سنڌي ادبي دنيا ۾ قدم رکڻ کان پوءِ فياض چنڊ ڪليريءَ ڪيترن ئي سنڌي اخبارن ۽ ادبي رسالن ۾ شاعري، ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪالم لکيا، جنهن سان نثر ۽ نظم ٻنهي ۾ سندس هڪ الڳ سڃاڻپ قائم ٿي.

ڪليريءَ جي شاعري ڪلاسيڪي سان گڏ سنڌ جي دردن، ڏکن ۽ پيڙائن سان ڀرپور رهي. هن پنهنجين لکڻين ۾ نوجوانن جي معاملن، خاندانن جي وڇوڙي ۽ ڪراچي ۾ رهڻ دوران ڏکن ۽ تڪليفن کي پنهنجي شاعري توڙي نثر ۾ بيان ڪيو. سندس سڀنو خوشحال سنڌ هئي ۽ جنهن جي پنهنجن لکڻين ذريعي اپٽار ڪيائين. هن جي شاعريءَ ۾ ڪڏهن ڏيمو لهجو، ته ڪڏهن جوش ۽ جذبو نظر اچي ٿو.

فياض چنڊ ڪليري، جنهن وقت ڪراچيءَ جي هڪ سنڌي اخبار ۾ ڪم ڪرڻ لڳو هو، ته ساٿس ڪيترين ئي ملاقاتون ٿيون. هو گهٽو ڪري خاموش رهڻ وارو هو. سندس خاموشيءَ پٺيان ڏکن جا طوفان هئا. پنهنجي شاعراڻي طبيعت هئڻ سبب هو صحافت ۾ گهٽو عرصو جٽاءَ نه ڪري سگهيو، پر هن "جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، مون وڏا وس ڪيا،" وانگر پنهنجي جدوجهد ڪندو رهيو. سندس اهي ڏک سندس لکڻين ۾ محسوس ڪري سگهجن ٿا.

هيءُ نالیوارو شاعر هاڻ اسان سان گڏ نه رهيو آهي، ۽ ڪنڊياري جي شهر ڪمال ديري ۾ متيءَ سان ملي هميشه لاءِ پرسڪون ٽي چڪو آهي. هو هميشه پنهنجن همعصرن، دوستن ۽ پيارن جي يادن ۾ زندهه رهندو. ■

ڪاروڙو ٻيهر آباد ٿيو پر گھموري جا چارڻ واپس نہ آيا

پارومل امراڻي سوٿهڙ





سري ملا (سريمال) چارڻ جو پوٽو، راجڙ چارڻ جو پٽ ڪوماڻ (ڪومڊان) چارڻ رحمدل ۽ سخي انسان هو. ڪاروڙي چارڻ ۽ پر پاسي ۾ ڪوماڻ چارڻ جي سخاوت جون مثالي ڪهاڻيون اڄ بہ ڳائجن ٿيون. ڪوماڻ چارڻ کي نرينو اولاد نہ هو. هن ستيڊان چارڻ کي گود ورتو. ستيڊان پنهنجي وڏڻ جي پرمپرا کي مهانتا ڏني. ستيڊان جا بہ پٽ: اندرڊان ۽ پيرڊان ٿيا. اندرڊان پنهنجي دور جو سپوٽ شخص هو. سندس ملنسار ڪردار جي ڪري لوڪ کيس "راجا" جي لقب سان سڏيندو هئو. پروفيسر شڪتيڊان ڪويا موجب اندر ڊان "اندروا سورنا تخليق ڪيا."

"اندر ڊان ست اگرٽي نج ڪاروڙي نيس،
سڃان اندروا سورنا، اڻ نامي اپديس."

(ستيڊان جو وڏو پٽ اندرڊان ڪاروڙي جو نامور نالو ٿيو، جنهن جا سرجيل اندروا سورنا وڏي اپديش وارا آهن.)

اندر ڊان پيرڊان جي پٽ ڪئلاش ڊان کي گود ورتو. ڪئلاش ڊان بہ پنهنجي ڪردار جو بلند ۽ بااخلاق نوجوان هئو. ڪوي پروفيسر شڪتيڊان ڪويا پنهنجي هڪ دوهي ۾ چوي ٿو تہ:

"اندرڊان ري آويو ڪنور گود ڪيلاس،
امرتا پل جيون آنگڻي اوگو سور اوجاس."

(اندر ڊان ڏيٿي گود ۾ ڪنور ڪيلاش ڊان جي اڇ سان اندرڊان جي اڳڙ امرت پل جيان سورج چمڪ لڳو.)

ڪاروڙي چارڻ جو موجوده جاگيردار پيرڊان چارڻ: نهنو نماڻو ۽ سياويڪ شخص آهي، جنهن جي راج پاڳ ۾ وڏي نامياچاري آهي. پيرڊان جو هڪ پٽ تيرٿ ڊان 2001ع جي بلدياتي چونڊن ۾ يونين ڪائونسل ڪاروڙي جو ڪائونسلر ٿيو.

ڪاروڙي چارڻ جو موجوده جاگيردار پيرڊان چارڻ: نهنو نماڻو ۽ سياويڪ شخص آهي، جنهن جي راج پاڳ ۾ وڏي نامياچاري آهي. پيرڊان جو هڪ پٽ تيرٿ ڊان 2001ع جي بلدياتي چونڊن ۾ يونين ڪائونسل ڪاروڙي جو ڪائونسلر ٿيو. ستيڊان جي وڏو پاڻ آئيڊان جي چتر هوليءَ ۽ مهمان نوازي جا راج ساڪي رهيا آهن. ننڍو پاڻ ورڊڊان بہ مٽيادار شخص ٿيو. پروفيسر شڪتيڊان ڪويا پنهنجي ڪتاب "ڊرا سرنگي ڊات" ۾ تنهي پائرن: آئيڊان، ستيڊان ۽ ورڊڊان جي ٽمورتيءَ کي ساراهيو آهي.

ستيڊان جي وڏو پاڻ آئيڊان جي چتر هوليءَ ۽ مهمان نوازي جا راج ساڪي رهيا آهن. ننڍو پاڻ ورڊڊان بہ مٽيادار شخص ٿيو. پروفيسر شڪتيڊان ڪويا پنهنجي ڪتاب "ڊرا سرنگي ڊات" ۾ تنهي پائرن: آئيڊان، ستيڊان ۽ ورڊڊان جي ٽمورتيءَ کي ساراهيندي چيو آهي تہ:

"ڏيٿو آئيڊان هو مهپان ۾ منموت،
ستيڊان ورڊيس سا انوج گٽان ري اوت."

(مهپان ۾ آئيڊان ڏيٿو وڏو مٽيادار منش ٿيو. سندس ننڍا پائر ستيڊان ۽ ورڊ ڊان پٽ خوبين جي کاڙ هئا.)

موجوده دور ۾ ڪاروڙي چارڻ جي سگھڑن سياڻن ۾ ڪيسوڊان سان گڏ منهرڊان جو نالو بہ نروار آهي. استاد پورڊان چارڻ جون تعليم جي ميدان ۾ خدمتون ساراه لائق آهن. مسيحائي پيشي سان لاڳاپيل ڊاڪٽر جسونت ڊان، مهاويرڊان، هيرڊان ۽ سوائي ڊان سميت نوجوان چارڻ علم، ادب، تاريخ ۽ تهذيب سان دلچسپي رکڻ سان گڏ سماجي شيوا ۾ بہ سرگرم آهن.

گوٺ گھموري:

عمرڪوٽ لڳ ميرپورخاص روڊ تي گھموري جو گوٺ ۾ ڳوهڙ نڪ جي چارڻن جو وڏو راج هو. انهن کي "گھموري جا راڻا چارڻ" سڏيو ويندو هو. گھموري جا چارڻ، ڪاروڙي چارڻ جي چارڻن پاران سوڊن جو اپيو ونڊ ۽ ساهو ستي پاران جھمر برڻ (ستي چڙهڻ) وقت پنهنجو راج خالي ڪري ويا. ڪاروڙو ٻيهر آباد ٿيو پر گھموري جا چارڻ واپس نہ آيا.

گوٺ ڏوڏيارڙو:

ڏوڏيارڙو جو گوٺ نيوڇور کان اڳتي گوٺ موڪرپار جي ويجهو آهي. راجپوتن جي راڄ ۾ بارٺ نڪ جا چارڻ رهندا هئا. ڏوڏيارڙو مان چارڻن جو پاڙو وقت جي ويڙ ۾ خالي ٿي ويو. انهن چارڻن مان بہ گھر ڪاروڙي ۽ هڪ گھر نيوڇور ۾ رهي ٿو.

گوٺ ڏيڏار:

ڏوڏار جو گوٺ پرچي ويري جي ويجهو آهي. ڏيڏار ۾ ڳوهڙ نڪ جا چارڻ رهندا هئا. هن گوٺ مان بہ چارڻن جي آبادي لڏي ويئي.

گوٺ رهاريو:

رهاريو، ڏيول ديوي جي ٻني هئي. رهاريو جي ٻنيءَ ۾ جتي ڏيول ديوي اڇي رهندي هئي، اتي عقيدتمند آستان جوڙايو آهي. آستان جو بنياد ڪانجي ڊان چارڻ رکيو هو. ڏيول جي آستان کي سنيالڻ ۽ اتي پوجا پات ڪرڻ جي لاءِ ڪاروڙي جي ڏيٹن چارڻن جا ڪجھ گھر لڏي اڇي رهاريو وينا. انهن مان ارجن ڊان، رڻڇوڙ ڊان، مهاڊان ۽ ڪومڊان نالياورا ٿيا آهن. ڪومڊان جي خاندان جي راڻي چندر سنگھ سان ويجھڙائپ رهي. چيو وڃي ٿو تہ ارجن ڊان چارڻ درويش صفت انسان هئو. هن جي دعا پٽ هلندي هئي. لوڪ ۾ سندس درويشائي جا ڪيترائي قصا هلندڙ آهن.

نيو ڇور:

نيو ڇور شهر ۾ چارڻ وڏي وقت کان آباد آهن. اتي هن وقت چارڻن جا 15 گھر موجود آهن، جن ۾ ڏيول، بارٺ ۽ ڏيٿا نکون شامل آهن. نيو ڇور جي ڏيول چارڻن ۾ ڪوي ڏيسر ڊان نامياورو رهيو آهي.

ٻوڙاٻھ:

ٻوڙاٻھ انتظامي طور تي ٿرواري پاسي، ضلعي عمرڪوٽ جو عمرڪوٽ کان ڪينسر ويندڙ روڊ تي آخري گوٺ آهي. ڊات جي چارڻن ۾ ٻوڙاٻھ جا چارڻ مشهور رهيا آهن. وقت جي ويڙ ۾ ٻوڙاٻھ جا چارڻ پنهنجو پاڙو خالي ڪري ويا. هن وقت ٻوڙاٻھ ۾ راهمان، سومرا ۽ ٻيون ذاتيون رهن ٿيون.

جنف چارڻ:

جنف چارڻ پنهنجي دور جو مشهور ڪوي ٿي گذريو آهي. عمرڪوٽ جي سوڊن ڪاروڙي چارڻ جي جاگير جنف چارڻ کي ڊان ۾ ڏني هئي. "تاريخ ريگستان" ۾ تاريخدان ۽ استاد رائچند هريجن لکيو آهي تہ، "جنف، راڻي چاچڪ سوڊي جي پٽ رائديو وٺ عمرڪوٽ جي فتح کان اڳ رتي ڪوٽ جي دربار ۾ موجود هو." جنف جي زندگيءَ متعلق ڪوي هيمڊان چارڻ (اصل گوٺ منڙيو چارڻ حال پاٻوهر) ۽ ڪجھ ٻين سگھڑن جي ٻڌايل روايت مطابق ڪهاڻي مختلف ملي ٿي. مون اها پنهنجي ڪتاب "چتر ٻولي چارڻان" ۾ هن ريت ڏني آهي:

صديون اڳ ڏڪار ورهيه ۾ چارڻن جو قافلو ڪاهوڙ جي ڳوڻن مان لڏي ساڪي گڏ ۾ آسو جي ڳهيڙو وٽ اچي رهيو. آسي، چارڻن جي وڏي خدمت ڪئي. ڪجھ ڏينهن ترسڻ کان پوءِ قافلو بئراڄ ڊانهن وڌڻ جي لاءِ روانو ٿيو، پر نندڙي جنف جي ماءُ چارڻياڻي اهو چئي آسي جي گھر ترسي پئي تہ: منهنجو نندڙو ناچاڪ آهي. سفر جي پيڙا هن کان برداشت نہ ٿي سگھندي، آءُ اوهان جي ڏيءَ آهيان. مون کي اجهو ڏيو تہ ڏکيو وقت ڪٽيان. آسي، چارڻياڻي کي ڏيءَ جو رتبو ڏيئي پاڻ وٽ ترسايو. وقت گذرندو ويو، نندڙو جنف اڇي وڏو ٿيو. آسي پنهنجي اولاد جي شادي ڪرائي، پر جنف جي شادي نہ ڪرائي سگھيو. آسي جو ساهہ سڪرات ۾ اڇي ڏولچا ۾ پيو. هن کي ارمان ٿيو تہ، آءُ جنف جي شادي نہ ڪرائي سگھيس. راڻو جئہ برهم، آسي جو ماسات هو. هُن اڇي آسي کي وچن ڏنو تہ، "آءُ جنف جي شادي ڪرائي ڊان وغيرهہ ڏيئي سڪيو رکندس. تون سڪون حاصل ڪر." اهڙي تسلي ملڻ سان سڪرات ۾ ستل آسي پراڻ تياڳيو. راڻو جئہ برهم، جنف کي پاڻ سان گڏ سوڊن جي صاحبي ۾ ونڻي آيو.

"وقت گذرڻ سان راڻي جئہ برهم کي آسي سان ڪيل وچن وسري ويو. وسڪاري جي رت ۾ گھنگھور گھٽاءُ ڏسي جنف جو جيءُ جھري پيو. آسو ياد آيو هن شاعريءَ ۾ ورلاپن جون اڇي وڇڑيون چمڪايون. ان شاعريءَ ۾ آسي جي سار ۽ راڻي جئہ برهم کي ميارون هيون. راڻي جئہ برهم جي گھروارين جي ڪنن تي چارڻ جو سوز ۽ پريو سُر پيو. راڻي روئي پئي. جئہ برهم کي چيائين تہ، 'تو ظلم ڪري چڏيو آهي. چارڻ جي سار لهو.' راڻي جئہ برهم کي آسي سان ڪيل پنهنجو وچن ياد پيو. پوءِ راڻي جئہ برهم، جنف جي شادي ڪرائي. ڪجھ رايا راڻي جئہ برهم ۽ آسي ڳهليڙي جي پاڻ ۾ ماسات هجڻ کي رد ڪن ٿا. انهن راين مطابق آسو ۽ جئہ برهم جي دوستي هئي." چيو وڃي ٿو تہ سوڊي راڻي راج ديو عمرڪوٽ کي هٿ ڪرڻ وقت جنف چارڻ کان مدد ورتي هئي. انهيءَ آڌار چئي سگھجي ٿو تہ، آسي وٽان جنف کي وڻي اڇڻ وقت جئہ برهم کي راڻپ مليل نہ هئي. ان وقت جئہ برهم جو پيءُ سوڊو راج ديو راڻو هو. چارڻي ادب جي هڪ چند موجب جنف کي راڻي جئہ برهم جي پٽ جسول سنبت 1291. تي ڪاروڙي جو گوٺ جاگير طور ڏنو. جتي اڄ بہ چارڻ رهن ٿا.

پروفيسر شڪتيڊان ڪويا چوي ٿو:

"مارو تٽو پوان مهہ، تڻ را ٻيٽا آت،
اوڻان ۾ ڏيٿو پاٽوي، ٽيا چارڻ ٽات."

(مارو جو پوان مهہ پٽ هو، جنهن جا اٺ پٽ ٽيا، جن ۾ ڏيٿو پاٽوي هو، جنهن جو اولاد ڏيٿا چارڻ سڏجي ٿو.)

"ڏيٿي هندو ڏيڪرو، نڏر جنف نام،
پايو ڪروڙ پساو ۾، گڻ ڪاروڙو گام."

(ڏيٿي جو پٽ جنف نالي ٿيو، جنهن ڪروڙ پساو ۾ ڳڻن پريو گوٺ ڪاروڙو پايو.)

تاريخ جي ڪجھ ڪتابن ۾ عمرڪوٽ کي هٿ ڪرڻ ۾ چاچڪ ديو جو نالو آيل آهي. راڻي چاچڪ ديو، جنف چارڻ کي ڪاروڙو ڪروڙ پساو ۾ ڏنو هو. هن وقت تائين ملندڙ روايتن ۽ تاريخ جي حوالن ۾ ڪا بہ ڳالهہ حتمي نہ آهي. جنف جي شاعري وقت جي ويڙ ۾ محفوظ رهي نہ سگھي آهي. ■

ڊاڪٽر مرلي ڏر ۽ ايس آءِ يو ٽي ۾ آيل هڪ عام ماڻهوءَ جي ڳالهه

انور ابڙو

20 نومبر 2026ع تي (جنم جو سال 1958) سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ، خاص طور تي صحت جي موضوعن تي شاندار انداز ۾ لکندڙ ، پنهنجي ماڻهن جي صحت بابت هر وقت فڪرمند رهندڙ، انهن کي صحت جي مسئلن کان پنهنجين تحريرن وسيلي آگاهه کندڙ ۽ بيشمار ماڻهن جي واهر کندڙ، ڊاڪٽر مرلي ڏر جو 68هون جنم ڏينهن هئو. ان حوالي سان مان پنهنجي هيءَ 9 سال اڳ، 2017ع ۾ لکيل تحرير هتي ڏيئي رهيو آهيان. جيڪا منهنجي هڪ بايو ناول (bio novel) جو حصو آهي.

”.....مان سول اسپتال ڪراچيءَ جي ايمرجنسي واردِ جي سامهون وارن واردن جي وچ واري جاءِ جي مختلف پاسن کان پيل بينچن مان هڪ بينچ تي، مٿي جي هينان آفيس بيگ ڏيئي، ليٽيو پيو هئس. منهنجون اکيون بند هيون ۽ منهنجي سوچ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن (ايس آءِ يو ٽي) جي ايمرجنسي 3 واري واردِ جي هڪ ڪنڊ ۾ سُتل پنهنجي وڏي پاءُ ادا منظور عليءَ جي آس پاس موجود هئي. ادا منظور عليءَ کي 21 جون 2017ع تي ايس آءِ يو ٽي ۾ انتهائي تشويشناڪ حالت ۾ داخل ڪيو ويو هو. ڪيس بُڪين جي وڏي تڪليف هئي.

مان جنهن بينچ تي ڊگهو ٽيو سُتو پيو هئس، ان جي آس پاس ماڻهو هيٺ فرش تي رلهيون وڇائي ۽ وهاڻا يا ٽيلها مٿن کان ٽيڪ ڏيئي ليٽيا پيا هئا ۽ ڪي چوڪڙيون ناهي. ويهي ڪچهري ڪري رهيا هئا. انهن سيني جا به پيارا اسپتال جي ڪنهن نه ڪنهن وارد ۾ علاج لاءِ داخل هئا ۽ انهن جي صحتمند ٽيڊ جي اميد پنهنجي دل جي ڳنڍ ۾ ٻڌي ههڙي ڏکي حالت ۾ به رهيا پيا هئا. الائي ڪٿان ڪٿان کان آيا هئا.

اهو جمعي جو ڏينهن هئو.

مون کان ٽورو وٽيرڪو هڪ ٻي بينچ تي هڪ همراهه ليٽيو پيو هئو. جيڪو ان ئي حالت ۾ موبائل فون تي پنهنجي ڪنهن مائٽ يا ويجهي دوست سان ڳالهائي رهيو هئو. سندس لهجي مان لڳو ته هُو ڪشمور، جيڪب آباد يا ڪنڊڪوٽ جي پاسي جو آهي. مان سندس ڳالهه ٻولهه ڇٽي طرح ٻڌي رهيو هئس.

چيائين پئي: ”ڊاڪٽر مرلي ڏر ٽوچوي، ’پنهنجي پيءُ کي سياٽي اسپتال مان وٺي وڃ. هاڻي صحيح آهي. هتي جراثيم آهن. وڌيڪ نه رهائيندا سونس. وَرندي چنڇر تي ڊيڪارڊ لاءِ وٺي اڇجوس.‘ هاڻي مان هِن مڙهي کي ڪاڏي ڪيان، جيڪا ڄڙ پتاڻن جي ڳنڍ آهي. اُن کي ڪاٽي رُلائيندو وتان..... ۽ توکي ته بابي جي گارين جي خبر آهي. چوندوسانس ته، ’بابا ڊاڪٽر چوي ٿو ته اسپتال مان هاڻي وڃي شهر ۾ ڪنهن ٻي جاءِ تي رهو ۽ ايندڙ چنڇر تي اڇجو ته، گار ڏيئي چوندو، ’هل گُوٺ.....‘ هاڻي مان چا ڪيان؟ شهر ۾ منهنجي گُوٺ جا چار پنج چوڪرا رهندا آهن....اُهي ته خوشيءَ سان پاڻ وٺ رهائيندا ۽ اسان کي. اُتي بابي کي پڪو ٻه پيو لڳندو....پر چورا آهن حرامي.....رڳو ناچ گاني ۾ پورا هوندا آهن...هاڻي اُتي ٻه ڪيئن رهايانس....“

اهو همراهه مسلسل ڳالهائيندو ٻه رهيو، ته ٿهڪ ڏيئي ڪِلندو ٻه رهيو، شايد فون جي ٻئي طرف کان ڪيس اهڙي مزيدار گفتگو ٻڌڻ ۾ آئي ٿي. آخر



مون کان ٽورو وٽيرڪو هڪ ٻي بينچ تي هڪ همراهه ليٽيو پيو هئو. جيڪو ان ئي حالت ۾ موبائل فون تي ڳالهائي رهيو هئو. چيائين پئي: ”ڊاڪٽر مرلي ڏر ٽوچوي، ’پنهنجي پيءُ کي سياٽي اسپتال مان وٺي وڃ. هاڻي صحيح آهي. هتي جراثيم آهن. وڌيڪ نه رهائيندا سونس. وَرندي چنڇر تي ڊيڪارڊ لاءِ وٺي اڇجوس.‘ هاڻي مان هِن مڙهي کي ڪاڏي ڪيان، جيڪا ڄڙ پتاڻن جي ڳنڍ آهي. اُن کي ڪاٽي رُلائيندو وتان..... ۽ توکي ته بابي جي گارين جي خبر آهي. شهر ۾ منهنجي گُوٺ جا چار پنج چوڪرا رهندا آهن....اُهي ته خوشيءَ سان پاڻ وٺ رهائيندا....پر چورا هوندا آهن رڳو ناچ گاني ۾ پورا....“ آخر ۾ چيائين، ”ڊاڪٽر مرلي ڏر کي منٺ ڪيان ٿو ته به ٽي ڏينهن اڃا اسپتال ۾ بابي کي رهائي....آهي پلو ماڻهو...چوٽُ ڪندو..“

۾ چيائين، ”ڊاڪٽر مرلي ڏر کي منٺ ڪيان ٿو ته به ٽي ڏينهن اڃا اسپتال ۾ بابي کي رهائي....آهي پلو ماڻهو...چوٽُ ڪندو..“

ائين چئي هِن نج ڳوٺاڻي شخص پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي ته مان ڊاڪٽر مرلي ڏر جو نالو هڪ عام ماڻهوءَ پاران ويساه واري انداز ۾ ٻڌي، اکيون بند هوندي ئي مسڪرايو.. چوته اهو ڊاڪٽر مرلي ڏر ئي هئو، جنهن ادا منظور علي جي علاج ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هئي.... هُن ۽ سندس ساٿي ڊاڪٽرن ادا منظور عليءَ کي انتهائي ڪرٽيڪل حالت مان هوش واري حالت ۾ آندو هو ۽ اسان جي اکين کان آهستي آهستي رُسندڙ آس کي آڦٽ ڏني هئي. پهرئين ڏينهن ئي جڏهن ادا منظور عليءَ کي ڊاڪٽر مرلي ڏر آءِ سي يو ۾ منتقل ڪرايو هو ته ان ڪانپوءِ ٽيل ملاقات ۾، هِن زوريءَ مون کي ۽ منهنجي پائٽي مير کي رات جي ماني کارائيندي چيو هو، ”به گهر پيٽ ۾ وجهو. سيڪجهه بهتر ٿيندو...“

تنهن تي مون ڪيس چيو هو، ”ادا هِن وقت مون کي بيوسيءَ جي معنيٰ سمجهه ۾ اچي ٿي ته، ماڻهو ڪيئن نه بيوس بڻجي پوندو آهي....۽ وس ٻين جو هلندو آهي....ههڙن لمحن ۾ ئي ماڻهو ڊاڪٽرن کي ڏسندو آهي ته، هو سندن پياري کي نئين زندگي ڏيندا، انهن کي بچائيندا.“ ڊاڪٽر مرلي ڏر مان ٽي ويو هو.

پوءِ پورا اٺ ڏينهن، جيستائين ادا ايس آءِ يو ٽي ۾ داخل هئو، تيستائين ڊاڪٽر مرلي ڏر سندس علاج ۾ خاص دلچسپي وٺندو رهيو. هُن جي سارَ لهندو رهيو ۽ اسان کي به سمجهائيندو ۽ تسلي ڏيندو رهيو. اِن ڪري ئي اسان کي اطمينان هئو.

اِهي هلندڙ سال جي عيدالفطر کان به چار اڳ وارا ڏينهن هئا...۽ اسان جي عيد نه هِتي ڪراچيءَ ۾ ٽي رهي هئي، ۽ نه گُوٺ ۾، پراها اسپتال ۾ ٽي رهي هئي.... تڏهن ئي ته، جڏهن مان عيد واري ڏينهن صبح جو، اسپتال ۾ رات جو اٽينڈنٽ طور رهيل ميرلاءِ ڪيرٽي کٽي آيس (ادا منظور عليءَ جي وات وسيلي کاڌ خوراڪ بند هئي، نه ته اُن لاءِ به عيد جي ماني تيار ڪرائي اڇان ها...) شام جو ڊاڪٽر مرلي ڏر سان فون تي رابطو ڪري ڪانئس ادا منظور عليءَ جي طبيعت بابت تازي صورتحال معلوم ڪرڻ چاهيم.

ادا جي طبيعت بهتر ٿيندَي ٻڌايائين. انهن ئي ڳالهين دوران مون کيس ٻڌايو ته، ”اڄ مان صبح جو سوير اسپتال آيس. عيد جو ڏينهن آهي، انڪري هِتي منهنجو جيڪو پائٽيو رات جو رهيل هو، اُن کي گهر موڪليم. بعد ۾ پنهنجي پنجن سالن جي پٽ عنيق کي فون ڪري عيد ڪيس مبارڪ جي ڏيندي چيم، ’بابا عيد مبارڪ هجي اوهان کي.‘ ته چيائين، ’بابا ڪهڙي عيد؟....عيد ته لڳي ئي ڪونه ٿي....‘ مان سندس اِهو جملو ٻڌي خاموش ٿي ويس....۽ سوچيم، ’واقعي، گهر ۾ ته خوشي آهي ئي ڪونه، پوءِ عيد ڪيئن محسوس ٿيندي.‘

تنهن تي ڊاڪٽر مرلي ڏر چيو، ”توهان فوري طور گهر وڃو. وڃي ٻارڙن کي، ڪيڏانهن وٺي وڃي گهمايو...مان هِتي آهيان.... مان ادا جو چڪر پيو لڳائيندس....مان ڪيترن سالن کان عيد واري ڏينهن پنهنجي ديوتي لڳرائيندو آهيان.“ هِن جي اِن ڳالهه مون وٽ سندس لاءِ پيار ۽ احترام کي وڌائي ڇڏيو. مان ساڻس ها ته ڪئي، پر مون اسپتال نه ڇڏي، چوته اُهو پاءُ، جيڪو گُوٺ ۾ هر عيد تي منهنجو انتظار ڪندو هو، ۽ عيد تي منهنجي گُوٺ پهچڻ تي هُن لاءِ جڏ ته حقيقي عيد ٿي ويندي هئي، اُهو اڄ اسپتال جي بستري تي هو...۽ مان وڃي عيد ملهايان؟ اِهو مون لاءِ ممڪن نه هو....“

هونئن ته ڊاڪٽر مرلي ڏر سان منهنجو ڪڌهن ڪڌهن واسطو پوندو هو. هيءُ شاعر ۽ مضمونگار به آهي، تنهن ڪري اهو ئي هڪ سبب اسان کي تڪڙو تڪڙو جوڙي رکندو هو. ڪڌهن اسان جي فون تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي، ڪڌهن هيءُ اسانجي آفيس اچي ويندو هو، ته ڪڌهن سندس آفيس مان نُورُ اچي اسان کي سندس ڪتاب يا لکٽيون ڏيئي ويندو هو. مون سندس شاعريءَ جي مجموعي جو مهاڳ به لکيو هو. اسان جي تعلق جو هڪ ٻيو سگهارو سبب اِهو به رهيو آهي ته، هيءُ سائين وليرام ولپ جو نياڻو آهي، ۽ جنهن سان به منهنجي نيازمندي رهي آهي. ان سان گڏ ليلارام منهنجو اهڙو دوست آهي، جهڙا پائر هوندا آهن. ليلارام ۽ مان ساڳئي بيچ ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهياسين ۽ حيدر بخش جتوئي هاسٽل جي ٻئي ماڙ تي اسان جا ڪمرا هڪٻئي جي پرسان هوندا هئا. ليلارام ۽ غفار ڪوسو گڏ رهندا هئا ۽ مان، ظهور خشڪ ۽ اڳٽ توڙي الهڏنو خاڪي گڏ رهندا هئاسين.

اُنهن ڏينهن کان وٺي، هِنن ڏينهن تائين، پنهنجي بيچ ميٽس مان، جيڪڏهن مان ڪنهن سان وڌيڪ رابطي ۾ رهيو آهيان ته، اهو ليلارام ئي آهي. سو، هي ڊاڪٽر مرلي ڏر ۽ ليلارام هڪٻئي جا سنيڌو آهن. انهن سيني رشتن سان گڏ ڊاڪٽر مرلي ڏر ۽ اسان جي وچ ۾ دوستيءَ جو وڌيڪ مضبوط بنياد آهي: انسانيت جي حوالي سان اسان جي سوچ جو ساڳيو هئڻ.

اڳ ۾ اِنهن سيني رشتن جي بنياد تي اسان هڪٻئي سان هلياسين پئي، پر ان جي باوجود اسان هڪٻئي کي ايترو گهٽ نه سمجهيو ۽ نه ڏٺو هو. پر هلندڙ سال جي جون مهيني جي آخري هفتي وارا سمورا ڏينهن، جڏهن ادا منظور علي ايس آءِ يو ٽي ۾ داخل هئو، مون ڊاڪٽر مرلي ڏر جي انساني خدمت واري ڪر کي اکين سان ڏٺو، دل سان محسوس ڪيو، ان طرح سندس ان انساني خدمت جو اٽن ڏينهن تائين اکين ڏٺو شاهد رهيس. ■

مرلي ڏر

صحت کاٽيون

گلگت مان آيل روڳي مائي



هوءَ گلگت مان علاج لاءِ ڪراچي پهتي هئي. امان پاڻ پنجونجاهه سالن جي هئي. ٽيهه سال اڳ، پهرئين ڀار سان ويم جي پيچيدگي ٽيس. ويم جا سور ڏڪا ٿي ويا. ڀار وقت تي پيدا نه ٿيو. ڀار جو مٿو زناني عضوي ۽ مثاني جي وچ ۾ قائل رهيو ۽ پنن کي ڳارينڊو رهيو. ڀار وڏي تڪليف سان جمي ته ويو، پر ناهي ويو هڪ فستولا، جيڪو هڪ ماءُ جي زندگي جو هڪ وڏو گهاءُ بڻجي ويو. هوءَ نه ڪاڏي وڃي پئي سگهي، ۽ نه ڪاڏي اچي پئي سگهي. گهر جي ٽي رهجي وئي. سهولت ۽ سمجهه نه هئي جو علاج ڪرائي. پيشاب وهندو رهيو. پنج ڀار ٻيا پيدا ٿي ويا.

ٽيهه سال گذري ويا. پاٽي گهٽ پيتائين ته جيئن پڇي گهٽ. بکيءَ ۾ پٿريون ڦهي ويون ۽ بکي خراب ٽي وئي. ٽيهن سالن جا سور اچان سَلِيا ئي ڪونه هئا، جو هڪ نئون سور سَگهو ٽي ويو. جنهن ڏيءَ جي جم وقت سوراخ ڏهيو هيو، اها ڏيءَ پاڻ علاج لاءِ وٺي آئي هيس. بُکيءَ ۾ سور هيس. پهريان بکيءَ جو علاج ٽي چاهيائين، سو بُکي ڪڍي وئي. فستولا جو علاج اچان باقي آهي. ■

ڪتاب: گهاٽي جهڙ مان چند چمڪي ٿو (زوار نقوي بابت مختلف ليکڪن جا ليک) _ سهيڙيندڙ: شفقت حسين گاڏهي

پروفيسر زوار نقويءَ جي شخصيت ۽ ادبي ڪم تي لکيل ليک

مُڪيش بارٽاٽي



هن ڪتاب کي ڏسندي ئي ذهن جي افق تي تازن گلن جهڙا ڪيترائي خيال اُپري اچن ٿا، جيڪي ذهن سان گڏ روح کي پڻ پاڻ ڏانهن متوجه ڪن ٿا. هن ڪتاب جو عنوان ئي دل چڪيندڙ آهي. جڏ ڪنهن اونداهي رات ۾ پردي کي هٽائي روشني جي جُوالا مُکِي کي ظاهر ڪيو ويو هجي. هڪ اهڙي روشني جيڪا علم ۽ شعور جي علامت هجي. هِيءُ ڪتاب پروفيسر سيد زوار نقوي جي فن ۽ شخصيت تي سهيڙيل آهي، جيڪو شفقت حسين گاڏهيءَ ترتيب ڏنو آهي.

هن ڪتاب ۾ مختلف عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا سيد زوار نقوي جي شخصيت تي لکيل 21 ليک آهن، جن ۾ تاج جويو، ادل سومرو، عابد مظهر، احسان لغاري، علي نواز آريسر، پروفيسر ڊاڪٽر سيد اظهر علي شاهه، غلام نبي سومرو، پروفيسر ڊاڪٽر ريحانه ملاح، پروفيسر خالد حسين چنا، ستار سروهي، عبدالستار بلوچ، سرور نواز ڀگهيو، نظير ملڪاڻي، شاڪر عزيز سيتائي، ڊاڪٽر سليمان ابڙو، خير محمد عاشق سولنگي، منظور ڪالرو، فقير مقبول حسين گاڏهي ۽ طالب پنيرو شامل آهن.

انهن ليکن ۾ زوار نقوي جي لکڻين، ڪچهرين، طبيعت، مزاج ۽ دوراندیشيءَ تي هر ليکڪ پنهنجا ويچار وڌيا آهن. ڪتاب سهيڙيندڙ شفقت گاڏهي هن ڪتاب ۾ لکي ٿو ته، "آئون سمجهان ٿو ته، سيد زوار نقوي سنڌي ٻولي جي انهن چند خوشنصيب ۽ خوبصورت ليکڪن مان هڪ آهي، جنهن جي حال حياتي ۾ مٽس وفا مولابخش جي ترتيب ڏنل اينٽالاجيءَ کان پوءِ هي ڪتاب پڌرو ٿيو آهي." هيءُ غيرروايتي ڪتاب سنڌي ادب ۾ ۾ هڪ ريفرنس بُڪ جي حيثيت رکندو. جيڪڏهن کو سنڌي اسڪالر پروفيسر سيد زوار نقوي جي شخصيت تي / ايم فل يا ڊاڪٽوريٽ ڪرڻ چاهي ته ان کي هن ٻن ڪتابن مان بهترين مدد ملي سگهي ٿي. انهن کانسواءِ ڪتاب ۾ سيد زوار نقوي پاران به هڪ ليک شامل آهي.

زوار نقوي صاحب هڪ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي. سندس لکڻين جو پنهنجو اسلوب آهي. سندس ليک 1995ع کان سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس لکڻين جا ڪنهن به ڇاڻائي يا اڻ ڇاڻائي ۾ ڪجهه ٽڪرا ڪنيا هجن يا پنهنجي نالي ڪيا هجن، اهو جديد دنيا ۾ ته پليجيرزم جي قانون موجب ڏوهه آهي، پر سنجيده پڙهندڙ سمجهي ويندو ته اهي لکڻيون اصل ۾ زوار نقوي صاحب جون آهن، جيڪو من موهيندڙ اسلوب (Diction)آهي. سندس لکڻين ۾ ڪمال جا منظر، تشبيهون ۽ استعارا ڏنل هوندا آهن. شاهه لطيف، شيخ اياز، فيض احمد فيض، غالب ۽ جون ايليا جي شاعريءَ جي تشبيهن وارا اهي ڪمال جا ليک هوندا آهن، جيڪي پڙهندڙن جي ذهنن تي سدائين لاءِ اثر ڇڏي ويندا آهن. جيئن:

"آئے تو یوں کہ جیسے ہمیشہ تھے مہرباں
بھولے تو یوں کہ گویا کبھی آشنا نہ تھے۔" (فيض احمد فيض)

زوار نقوي صاحب جي دل چهندڙ ڪالمن جا تخليقي عنوان هن ريت آهن:

(1)ڇا ڪين جُون سرحدون اورانگهي ايندڙ لُڙڪ، (2) مون خواب ڏسڻ ڇڏي ڏنا آهن، (3)ڪويل آڪاش ۾ چا ٿي ڏسي، (4)سچ جي پاڇولي ۾ پلجندڙ خواب. وغيره وغيره.

تاج جويو صاحب لکي ٿو ته، پياري زوار نقويءَ جي زندگيءَ جا ڪيترائي رخ آهن، جن مان هرهڪ رخ پيارو آهي. هن پردي پويان ويهي، ڪيترين ئي شخصيتون ٺاهيون آهن. ڪمال جو ماڻهو آهي. "ڪتاب گهاٽي جهڙ مان چند چمڪي ٿو" ۾ پروفيسر وفا مولابخش قنبراڻي ويهن سالن جي گڏيل سفر جو ذڪر ڪندي سيد زوار نقوي جي خوبين، تنظيمي صلاحيتن، ادبي تربيت ۽ دوستيءَ جي انداز کي اُجاگر ڪري ٿو. وفا مولابخش لکي ٿو ته،"سيد زوار نقوي جا ڪالم محبوبا جي پهرئين خط جهڙي دلڪشي رکن ٿا. هن جي تشبيهه سندس نثر جي جمالياتي حسن، جذبن جي نرمي ۽ ادبي ڪشش کي ظاهر ڪري ٿي."

اڳتي ڪتاب جي صفحي نمبر 113 تي چاچا خير محمد عاشق سولنگي لکي ٿو ته، " هن ٽوٽي فروٽي، ڪالم ۾ حيدرآباد جي هوائن کي محبوبا جي مُرڪ چيو آهي. سندس اهڙو من موهيندڙ نثر جو اُسلوب آهي، جيڪو امرتا ماڻيندو. " هيءُ ڪتاب 136 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن جي بيڪ ٽائيٽل تي بزم روح رهاڻ جي سيڪريٽري جنرل واحد ڪانڊڙو لکيو آهي ته، "سنڌي ادب جي ڪيتر ۾ ادبي خدمتگارن جو جڏهن به باب کلندو ۽ ورق وجود جا اُلٽائبا ته پروفيسر سيد زوار نقوي جو نالو هميشہ نمايان نظر ايندو."

هن ڪتاب جو مهاڳ سنڌ جي نالي واري شاعر پروفيسر انور ساگر ڪانڊڙي لکيو آهي. 20 صفحن واري ان مهاڳ جي صفحي نمبر 32 تي انور ساگر صاحب لکي ٿو ته:"سنڌي ادب سان محبت ڪندڙ پڙهندڙن، شاگردن، محققن، استادن ۽ نوجوان ليکڪن لاءِ هي ڪتاب پڙهڻ جهڙو آهي، جو ته هن ڪتاب وسيلي نه رڳو سيد زوار نقوي جي گهڻ رخي شخصيت کي ويجهي کان سمجهي سگهجي ٿو، پر سنڌي نثر، تنقيد، ڪالم نگاري ۽ ادبي تحريڪن جي فڪري پسمنظر کي به پروڙي سگهجي ٿو."

هن ڪتاب جو خوبصورت ٽائيٽل نوجوان آرٽسٽ مهراڻ سهتو ٺاهيو آهي. جڏهن ته ڪمپوزنگ فيصل ميمڻ ڪئي آهي. سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد جي ڇپايل هن ڪتاب کي آڻون مجموعي طور ائين سمجهان ٿو ته، جيئن ته پروفيسر سيد زوار نقوي جي شخصيت جا ڪيترائي خُوبصورت پهلو، پسمنظر ۽ حوالا آهن، تنهن ڪري سندس شخصيت تي هِيءُ هڪ بهترين ڪتاب آهي، جيڪو پڙهندڙن لاءِ انتهائي لاپائتو ثابت ٿيندو.

پروفيسر سيد زوار نقوي جي ايندڙ ڪتاب جو عنوان آهي "اڪ ۾ ڳوڙها هٿ ۾ گجرا" جنهن ۾ يادگيرين، خاڪا، تاثر، مهاڳ ۽ تعارف ڏنل آهن. ■



پروفيسر زوار نقوي صاحب هڪ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي. سندس لکڻين جو پنهنجو اسلوب آهي. سندس ليک 1995ع کان سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس لکڻين جا ڪنهن به ڇاڻائي يا اڻ ڇاڻائي ۾ ڪجهه ٽڪرا ڪنيا هجن يا پنهنجي نالي ڪيا هجن، اهو جديد دنيا ۾ ته پليجيرزم جي قانون موجب ڏوهه آهي، پر سنجيده پڙهندڙ سمجهي ويندو ته اهي لکڻيون اصل ۾ زوار نقوي صاحب جون آهن، جيڪو من موهيندڙ اسلوب (Diction)آهي. سندس لکڻين ۾ ڪمال جا منظر، تشبيهون ۽ استعارا ڏنل هوندا آهن.

ڪجهه تخليقي ويچار

نثار بانيڙ



- جڏهن اک جي آلاڻ سوال ٻڌجي وڃي، ۽ اوهان جي سوچن کي ڪنهن هڪ ئي نقطي تي بيهي رهڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏي، تڏهن سمجهجو. ته اوهان جي دل ڏڪ جي اُن آخري دنگ تي پير رکي چڪي آهي، جتي درد جون سڀ نديون پنهنجي سجاڻپ وڃائي ويهندیون آهن، ۽ ساگر پنهنجو سمورو نچوڙ خاموشيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي!
- ڪي ڏڪ روئڻ سان ختم ناهن ٿيندا، پر اهي انسان کي پنهنجي ئي اونهائيءَ جو دنگ ڏيکاريندا آهن.
- ڪڏهن ڪڏهن هڪ هلڪي مسڪراهٽ پويان ڏکن جو ڪو سمند پنهنجون سڀ حدون ٽوڙي ڇڏيندو آهي: جذبا، احساس، خواهشون وقت جي ويرِ ۾ لڙهي ويندیون آهن ۽ روح ٻوڙان ٻوڙ ٿي پنهنجي ئي اونهائيءَ مان هڪ نئين صورت وٺندو آهي.
- ۽ پوءِ ساڳيو روح پنهنجي ڪندرن مان هڪ نئين تعمير ڪندو آهي، ڪا نئين منزل، ڪو نئون مقصد پنهنجي نالي ڪري ڇڏيندو آهي، پر عجيب ڳالهه اها آهي، ته اهو سڀ ڪجهه هڪڙي پل ۾ ٿي ويندو آهي: نه ڪا پهر گذرندي آهي، نه ماحول کي ڪا خبر پوندي آهي، بس هڪ هلڪي مسڪراهٽ چپن تي ترندي رهندي آهي، ۽ اندر وقت جي ويرِ پنهنجو سمورو سفر ڪري موٽي به ويندي آهي!
- ڪجهه طوفان اهڙا به هوندا آهن، جن جي ڪا به آوازن واري شاهدي ناهي هوندي. ■

دلاسا

ڊاڪٽر علي جان ٻرڙو



اي ستمگر!
اڻ ڄاڻ ڄاڻو
هي ڏس منهنجي
جواني برف جيان
ڳري رهي آهي
۽ تون
ايان به دلاسا ڏئين ٿو:
نصيب ۾ جَي
ملڻ هوندو ته ضرور ملبو. ■

كتاب: ملندس توسان شعرن ۾ (شاعري) _ شاعر: امر پيرزادو

نئون شعري نظام کٹي آيل کتاب

ڈاڪٽر جاويد شيخ



هي ڪوتا ڪتاب امر پيرزادي جو ٽيون تخليقي تحفو آهي، جيڪو پڙهندڙن اڳيان هلندڙ سال پيش ڪيو ويو آهي. جيڪو پڙهي اها راءِ جوڙي ويٺس، ته امر پيرزادي کي شعري روايتن ۾ ادبي وقت ۾ حالتن جو پليءَ پت ادراڪ ۾ اونو رهيو آهي، تڏهن ته وٽس نت نوان خيال خوشبوءِ جيان اچن ٿا. اسان جڏهن ادبي معيارن ۾ روايتن جي هڙ مان ڪجهه حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا ته اسان کي اها جاڻ ملي ٿي ته، جيڪو شعر تفڪر سان تر ناهي: مطلب محڪوم، مجبور ۽ نظر انداز ٿيل طبقي جي طبع ۾ مزاج جي ترجماني نٿو ڪري ته اهڙي تخليق رياڪار جي اکين مان وهايل ڪوڙن ڳوڙهن برابر

امر پيرزادو پنهنجن اڳ وارن ڪتابن جيان هن ڪتاب ۾ به نئون شعري نظام کٹي آيو آهي. سندس نت نوان خيال، نيون ترڪيبون، انوکا استعارا ۽ سندس پنهنجو اظهار ۽ پيشڪش آهي، جنهن ۾ پختگيءَ سان گڏ جدارو انداز ۽ اسلوب موجود آهي. ايجا به ائين چئجي ته سندس تخليقن ۾ فڪري فراواني با غ ۾ گلن جيان تڙندي نظر اچي ٿي.

آهي. پر امر پيرزادي جو تخيل ان ڏسا ۾ احساس جي شدت سان تمتار نظر اچي ٿو. سندس هي نظم پڙهي ڏسو، جيڪو جڙ ته احساس جي آويءَ مان پچي نڪتو آهي:

”غربت کي ڪو ڪٽ ڏيو ها
ڪچڙا ڪچڙا گهر اسان جا
تن جا ٽوٽيون ٽنب ٽيو ها
مينهن بٽيو آ ڇت اسان جي.“

امر پيرزادي جي شعري ڪاميابيءَ جو سبب سندس خيالن ۾ نواڻ، جدت طرازي ۽ دلڪش دور کي پنهنجي تخيل جي تصويرن ۾ رڱڻ آهي. هو جنهن سماج ۽ ماحول جو حصو آهي، انهيءَ جو هوبهو ٿو ڪري ڏيکاري ٿو. سندس شاعريءَ جي ڪهڪشان جي هر تاري (شعر) ۾ طرحين طرحين رنگ روپ محسوس ٿين ٿا. سندس نظم ”ڪارپوريٽ ڪلچر“ ۽ ”ورڪنگ مڏر“ وغيره مڪمل طور تي تبديل ٿيندڙ سنڌي سماج جو نوحو آهن، جن ۾ ڏک، حيرت ۽ حسرت پريا احساس سگهاري انداز ۾ ڏسجن پيا.

هن ڪتاب ۾ امر جو هڪ نظم آهي: ”ريپ ٿيندڙ زال“ سچ پچو ته اهو نظم مون کان زندگيءَ پر نه وسرندو. اهو نظم نه، پر احساس جون جڙ سُيون هجي، جنهن کي هر پڙهندڙ پنهنجي وجود ۾ چيندي محسوس ڪندو. امر جي جوڙيل خوبصورت استعاري ”نڪاح جو ڪاغذ“ سان سج وانگيان ايرندڙ اهو نظم فڪري روشنيءَ جا ڪرٽا جڏهن اسان جي بنجر ذهن جي زمين تي ڦهلائي ٿو ته اها پوءِ فڪري طور زرخيز ٿي پوي ٿي. هي نظم شعري تاريخ ۾ بي مثال نظم طور ياد رکيو ويندو.

نالي وارو ليکڪ، سياسي ۽ سماجي شعور ڏيندڙ دانشور جامي چانڊيو هن ڪتاب ۾ لکي ٿو ته، ”اهو تاثر به خام خيالي ۽ تي ٻڌل آهي، ته نئين دور جي شاعري عوام، ڌرتي ۽ سياسي توڙي سماجي تحريڪن يا مزاحمت سان جڙيل ناهي هوندي. ڏسجي، ته هر دور جي نئين شاعري تي اهڙا الزام لڳا آهن. هي ڪجهه اهي شعري مثال آهن، جن مان امر جي عوامي ايفيليئشن، مزاحمت ۽ تحريڪن جي طرفداري ڪيل آهي :

’سوچ جو انڌيرو آ
عورتن کي پرکڻ ۾
مرد جڙ وڏيرو آ.

’جا نڙيءَ تي ڏيمر جي رسي پئي،
سا ته جڙ سوري رهي دريا جي.

’ڪاش توکي سمجهه ۾ هاٿي اچي،
سنڌ آ جيسين اتي پاٿي اچي.

’سبزي وڻندڙ
مزدور
بصر آڏو
به ڪنڌ نه ڪٽي سگهيو.“

امر پنهنجن اڳ وارن ڪتابن جيان هن ڪتاب ۾ به نئون شعري نظام کٹي آيو آهي. سندس نت نوان خيال، نيون ترڪيبون، انوکا استعارا ۽ سندس پنهنجو اظهار ۽ پيشڪش آهي، جنهن ۾ پختگيءَ سان گڏ جدارو انداز ۽ اسلوب موجود آهي. ايجا به ائين چئجي ته سندس تخليقن ۾ فڪري فراواني با غ ۾ گلن جيئن تڙندي نظر اچي ٿي. هي اهي چند چونڊ فڪري ۽ تخليقي مثال آهن، جن مان امر اسان کي تمام گهٽو تخليقي طور سهڻو ۽ سدورو(ڏاهو) ۽ ٻين کان ٻيٽو نظر اچي ٿو:

”حادثن کان هڪ قدم آ زندگي،
ڪيترو جلدي ختم آ زندگي.“

.....

چنڊ جي
روشنيءَ جو ڏيئو
دنيا جي روشن عمارتن وسائي ڇڏيو آهي
سمنڊ جو رنگ
پورين چولين مان
سانورو ٿي ويو آهي.“

...

هر شعبي جي منزل
لاءِ ڏاڪڻ آهي
ميرٽ کي پاڻ تي
حيرت ٿي رهي آهي
تنهنجا اصول
بدلجن
يا ساڳيا رهن
دنيا بدلجي چڪي آهي
توتي مسلط ٿي چڪي آهي.“

....

نظم : موت جي مند

”دوستي
مرڻ سان
ڊليٽ ڪري
ناهي سگهي
روز ڪو دل گهريو
پنهنجي تصوير
جو ڪتبو ڪٽي
سوشل ميڊيا جي
تعزيتي بڪ تي
لڙڪن سان لکرائي پيو
سوشل ميڊيا
قبرستان ٿي وئي آهي.

امر پيرزادي پنهنجي شعري ڪائنات ۾ تخليقي ۽ فڪري سرگرمين کي جواني ۽ جمال بخشڻ لاءِ نت نون، منفرد، مثالي ۽ امر استعارن جو جيڪو گگن عڪس بند ڪيو آهي، ان ڏانهن ڪو نقاد تنقيدي نقص واري اک کٹي نهاري به نه سگهندو.



انور ابڙي لکيو آهي ته، ”هن سهڻي جوان نون خيال ن جا جيڪي چند ستارا آڻي هن ڪتاب جي آسمان تي رکيا آهن، سي پڙهندڙن جي سوچن کي وسعت ڏيندا.“

ماڻهپي جو پنڌ، پڪين جو رقص، فطرت جو قتل، آسمان جو سينو، لالچن ۽ غرض جو مرض، هٿيارن جو جشن، ڌرتيءَ جو سوڳ، سج جو راتين ۾ خودڪشيون ڪرڻ، جبر جي ڪاراڻ، سوچ جو انڌيرو، وجود جي ٽيبل، سوچ جو ڏيئو، خوابن جو ڪينواس، روايتن جي گهٽ، جذبن جي باهه، ڪُڌين رسمن جون ڪائيون، سجاڳيءَ جي تيلي، اميدن جون ڦوڪون، سوچ جو قافلو، سوچ جون سهيليون، وقت جو وهاٽو، آزاديءَ جو سمنڊ، ڏهني مزوري، عشق جا مَٽ، قرب جو پاڻي، ڇهري، آواز ۽ سوچ جي دوستي، ٿهڪن پري چانهن، دوستيءَ جي ڪنڌ، سات جا گل، بي رخيءَ جون راتيون، اڌيٽن جي ڪڌ، روشنيءَ جو ڏيئو، موت جي خريداري، موت جي سيل، وجود جو ماسڪ، تصور جي خوشبو، درد جو جاڳڻ، سور جي سُئي، مدد واري آڪسيجن، خرچن جو قيدي، نظرين جا هوڪا، خرچن جون قبرون، وقت جو رانديڪو، خواهشن جو ڳلو، سڪون جو سج، درد جي لولي، روح جي فزيوٿراپي، ڪيفيتن جي گواهي، آواز جو شان، لڙڪن جي داخلا، روح جي پڪنڪ پوائنٽ، تفريح جو باب، مسڪرائٽ جو قرض، جسم جي چاندني، گلا ۽ ٽوڪن واري جتي، تعصب واري عينڪ وغيره، امر پيرزادي جي هن ڪتاب ۾ شامل شعرن جا عنوان ۽ اونها خيال آهن.

سندس نوان گهڙيل اصطلاح جهڙوڪ: غربت کي ڪٽ ڏيڻ، مينهن جو ڇت بٽجڻ، ساهن مان پرواز ڪرڻ، حسن سان دنيا جي گدلاڻ لاهڻ، چولين کي آشيرواد ڏيڻ، گلابن کي ڪلڻ سيکارڻ، موت کپائڻ ۽ جواني ۽ کي چيلهه سان ٻڌڻ، پٽ سنڌي ٻوليءَ کي وسعت ڏين ٿا.

وڌيڪ اهو به چوڻ چاهيندس ته سدا سجاڳ سخنور امر پيرزادي جي تخيل ۾ نج نوان خيال ڏنل آهن. هن وٽ شڪايت، حڪايت، طنز، محبت ۽ محسوسات ڪمال درجي تي پهتل آهي. هو نوان انڪشاف، احساساتي تحقيق، دنيا جي بدلجڻ جو فڪر، ڪاسموپوليٽن شهريت/ تمدن جون سچايون، حيات جي حسناڪين ۽ گدلاڻ ۾ تفريق ۽ تميز ڪرڻ، پگهار دار پورهيت پچار، اظهار ۽ اسلوب ۾ جدت ۽ جدارو ڍنگ آهي. امر پنهنجي ڪلاسڪ ورثي کي تخليقي پاڪر ۾ پري نواڻ سان نينهن لائي تخيل جا تاڪ ۽ بانهون ڪولي سماجي راهن ۽ رستن جا اندر اڃارڻ جي شڪتي رکي ٿو. هي سهڻو شاعر ادبي دنيا ۾ امر ٿي ويو آهي. ■

روانڈا ۾ ”لاهوري هوٽل“ تي مانيءَ ڪاڏي سين

پروفيسر مختيار سمون

اسان مظفر سان گاڏيءَ ۾ وينديءَ حال احوال ڪندا اچي ”هوٽل ڪاپاڪي“ وٽ پهتاسين. جنهن ۾ مظفر جي مدد سان اسان جا ڪمرا بوڪ ٿيل هيا. ڪمرن ۾ سامان رکي ٿورو تازا توانا ٿي گهڙيءَ ۾ ڏنوسين ته رات جا ڏهه پيا ٿين. مظفر چيو ته، هتي پرسان ئي ”لاهوري هوٽل“ آهي، اتي هلي ماني ٿا کائون.

هوٽل جو مالڪ پاڪستاني هيو. جنهن سان هن جي جاڻ سڃاڻ هئي، تنهن کي فون ڪري چيائين ته، ”پاڪستان کان مهمان آيل آهن، جنهن ڪري ماني کائڻي آهي ۽ توسان ڪجهري به ڪرڻي آهي.“ همراهه ڪيس پليڪار ڪري هوٽل تي پهچڻ لاءِ چيو. اسان سندس گاڏيءَ ۾ ويهي لاهوري هوٽل تي آياسين. هوٽل صاف ستري ۽ خوبصورت هيو. ان جي ڪشادي اڳڻ ۾ ڪافي ٽيبلون ۽ ڪرسيون لڳل هيون، جيڪي سڀئي خالي پيون هيون. شايد رات جو دير ٿي وڃڻ ڪري ائين هجي يا اسان جي ملڪ جي ابتڙ هتي. هتي ديرتائين هوٽل تي ويهڻ جو رواج نه آهي. هونئن به اهو پاڪستاني هوٽل هو، جنهن ڪري ان جا گراهڪ به پاڪستاني يا هندستاني هيا. هوٽل جي مالڪ ٻڌايو ته، مقامي ماڻهو به ذائقو مِٽائڻ ۽ پاڪستاني کاڌا چکڻ لاءِ چڪر لڳائيندا آهن.

هوٽل جي ڪائونٽر تي مقامي روانڊين عورت ويٺي هئي. سامهون ڪليل بورچيخاني ۾ پاڪستاني بورچي ڪم ڪندي نظر آيو. هوٽل جي مالڪ جو نالو عبدالرزاق هيو. جيڪو به اسان سان ڪچهري لاءِ ٻاهر ڪرسيءِ رکي ويٺو. هو ڏاڍو ڳڙڪ، ڪلمڪ ۽ ڪچهريءَ جو ڪوڏيو پٽي لڳو. سندس تعلق پنجاب جي شهر فيصل آباد سان هو. ٻڌايائين ته، هو گذريل 18 سالن کان روانڊا ۾ رهي ٿو. پنجاب ۾ هڪ هوٽل تي بورچي هيو. پوءِ ڪيس پنجاب جي هڪ پاڪستاني سعيد عالم، جيڪو پاڻ ته لنڊن ۾ رهي ٿو ۽ وڏو ڪاروباري ۽ خوشحال آهي، تنهن هتي ڪگالي شهر جي هڪ بهترين علاقي ”نياروتراما“ ۾ ”دي مئنورهوٽل“ جي نالي سان هڪ فور استارلگزري هوٽل کوليو ته، ڪيس روانڊا ۾ اچي هوٽل ۾ بورچي جو ڪم ڪرڻ جي آڇ ڪيائين، جيڪا هن قبولي ۽ روانڊا هليو آيو. هن ڪجهه سال انهيءَ هوٽل ۾ ملازمت ڪئي. بعد ۾ اتان ڇڏي هن پنهنجو هي هوٽل کوليو. سندس هڪ شادي ڳوٽ مان ٿيل آهي. اها گهرواري ٻارن سان پاڪستان ۾ ئي رهي ٿي، هتي ٻي شادي هن هڪ مقامي آفريقي عورت سان ڪئي آهي، جيڪا ساڻس گڏ هي هوٽل هلائي ٿي. هوٽل جي دخل (ڪائونٽر) تي ويٺل عورت هن جي گهرواري ئي هئي. روانڊا ۾ هوٽل جي ڪاروبار بابت ٻڌايائين ته، پاڪستاني هوٽلن جو ڪاروبار سٺو ڪو نه ٿو ٽئي، چاڪاڻ ته پاڪستانين جو تعداد هتي گهٽ آهي.

مظفر ٻڌايو ته، روانڊا ۾ ڪل 400 پاڪستاني رهن ٿا، جڏهن ته هندستانين جو تعداد 3000 جي لڳ ڀڳ آهي. عبدالرزاق ٻڌايو ته، سندس هوٽل تي مقامي ماڻهو به ڪائڻ پيئڻ لاءِ ايندا آهن. امن امان واري سوال تي ٻڌايائين ته، هتي هر طرح جوخير آهي. هر ڪو بي خوف ۽ بي خطر رهي ٿو ۽ ڪم ڪار ڪري ٿو.


ڪنونشن سينٽر ڪگالي

ٿوري دير ۾ ماني اچي وئي، جيڪا ڏاڍي لذيذ هئي. بورچي پاڪستاني هيو. پر ويٽريس مقامي عورتون هيون. مظفر ٻڌايو ته، ٻاهر کان آيل گهٽا ڪاروباري ماڻهو مقامي عورتن سان شادي ڪري انهن جي نالي تي ڪاروبار ڪن ٿا. اسان پاڪستاني رات جي مانيءَ ۾ لذيز ڪاڌا کائي ۽ سڀ ۽ معلوماتي ڪچهري ڪري اٿياسين. مظفر کي صبح جو ڊيوٽي تي آفيس وڃڻو هيو. تنهنڪري اسان ڪائنس ڪگالي جي گهمڻ جهڙن ڪجهه ماڳن جي معلومات پڇي. جنهن تي چيائين ته، توهان صبح جو ”جينوسائيڊ ميوزم“ ۽ ”ڪنوينشن سينٽر“ گهمي وڃجو. پوءِ آفيس کان واپس اچي شام جو مان اوهان کي وڌيڪ پاڻ گهمائيندس. هو اسان کي هوٽل ڪاپاڪي وٽ ڇڏي پاڻ گهر هليو ويو. اسان به ڪيس ڊسترب نه ڪرڻ چاهيو. تنهنڪري ڪيس آفيس مان واندو ٿي آرام سان اڇڻ لاءِ چيوسين. سندس گهر گشرو علاقي ۾ هيو، جتي صدارتي محل ۽ سفارتڪارن جا گهر به آهن. اتي هو پنهنجي فيمليءَ سان رهيو ٿي. ڪيس به ننڍڙيون نياڻيون آهن. جيڪي اسڪول ۾ پڙهن ٿيون.

ننڍڙين جي هڪ دلچسپ ڳالهه شيئر ڪندي ٻڌايائين ته، اسڪول ۾ سندس سڀئي ڪلاس فيلو آفريقي آهن. آفريڪي عورتن توڙي مڙدن جي مٿي جا وارا ننڍا، گهنڊيندار، ڪهُرا ۽ گهاٽا ٿين ٿا ۽ اهي وڌندا به گهٽ آهن، جنهنڪري مڙد اڪثر ٽوڙهه ڪرائي چڏيندا آهن ۽ عورتون عجيب استائيل وارا نقلي وار مٿي تي لڳائيندیون آهن. ڪيترين عورتون مڙدن وانگر ٽوڙهه نما مٿو ڪولي هلنديون آهن. سو اسڪول جي چوڪرين جي به اها ئي صورتحال هوندي آهي ۽ هو ايشيا ۽ يورپي عورتن جي سنهن، ڊگهن ۽ نرم وارن کان ڏاڍيو متاثر هوندیون آهن. تنهنڪري اهي منهنجين نياڻين جا نرم ۽ وڏا وارِي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندیون آهن ۽ انهن کي هٽ لائي پيون ڏسنديون آهن.

وڌيڪ ٻڌايائين ته، سندس ٻار ڪگاليءَ جي هڪ خانگي اسڪول ”ايڪارنس انٽرنيشنل اسڪول“ ۾ پڙهن ٿا، جيڪو ڪافي مهانگو آهي، جتي هر ٻار جي 500 ڊالرس يعني اٽڪل ڏيڍ لک روپيا ماهوار فيس ڏيڻي پوي ٿي. هو پاڪستان جي فارين سروس جو آفيسر هيو. تنهنڪري سندس ٻارن جي فيس ۽ گهر جي مسواڙ پاڪستان حڪومت جي ئي ذمي هئي.

هوٽل وٽ اچي مظفر کان موڪلائي ڪمرن ڏانهن پيڙا ٽياسين. بلوچ صحبت علي ۽ مان هڪ ڪمري ۾ ۽ باقي اسان جا ٻيا ٽي دوست: پرتاب شيواني، جنيد ڏهر ۽ محمود پتوجو ٻئي ڪمري ۾ سهڙيا. يوگنڊا جيان هتان وارن هوٽلن ۾ به بجليءَ جي پکي يا ايئرڪنڊيشن جو رواج ڪو نه هيو. موسم به ڏاڍي سٺي هئي ۽ انهن شين جي ضرورت به ڪو نه پئي محسوس ٿئي. آڪٽوبر واري مهيني ۾ به هتي گرم پاڻيءَ کان سواءِ وهنجي نه پيو سگهجي، جڏهن ته ان مهيني ۾ سڄو ڏينهن گرمي هوندي آهي ۽ گرم پاڻيءَ سان وهنجڻ جو تصور به گرميءَ کي وڌائي چڏيندو آهي. بهرحال ٽڪل هئڻ ڪري سمهي پياسين ته نند جلدي پنهنجي ديس ڏانهن ڪٽي وئي.

ڪگالي جي ميوزم ۽ ڪنوينشن سينٽر جو دورو

صبح جو سوير اڪ ڪلي ته ٻاهر وارو نظارو ڪرڻ لاءِ اچي گٽلري ۾ بيٺس. هوٽل جي اڳيان گذرندڙ پيوَر (Paver) سرن سان ٺهيل ڪشادو ۽ صاف ستري روڊ صبح واري خاموشي مان سرور وٺندي محسوس ٿيو. آس پاس جو ماحول پرسڪون، ٺڏو ۽ دلڪش هيو. اسڪولي ٻار رنگارنگي يونيفارمس ۾ اسڪول ڏانهن ويندي ڏسڻ ۾ پئي آيا. شايد اسڪول ڪٽي ويجهو هيو. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ گاڏي به هيڏانهن هوڏانهن ويندي نظر آئي، نه ته گاڏيون بند پيل دڪانن ۽ جاين جي پرپاسي ۾ بيٺل نظر آيون.

اسان ٿوري دير ۾ تيار ٿي ڪگالي شهر جو جائزو وٺڻ واري پروگرام تحت هوٽل مان ٻاهر نڪتاسين، پر ان کان پهريان ناشتو ڪرڻو هيو. ان لاءِ پنڌ ڪندا ڪو مناسب ريسٽورينٽ گولهڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن واجهائيندا اچي مرڪزي بازار وٽ پهتاسين ته، هڪ جنرل اسٽور جي مٿان ”نيو هوپ ريسٽورينٽ“ جو بورڊ لڳل نظر آيو. ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهتاسين ته، ماحول مناسب لڳو. تنهنڪري ڪرسيون سنياڻي ويهي رهياسين.


روانڊا جي اسڪولي ٻارن سان گڏ

ريسٽورينٽ جو اسٽاف عورتن تي مشتمل هيو. جيڪي وڏي اعتماد سان ڪم ڪري رهيون هيون. ڪجهه ڪرسين تي مقامي آفريقي همراهه ڪاڏي پيتي ۾ مصروف هيا. هڪ ليڊي ويٽريس آرڊر وٺڻ لاءِ آئي ته، اسان وڏي ڪوشش ڪان پوءِ ڪيس سمجهائڻ ۾ ڪامياب وياسين ته، اسان کي چا کائڻو آهي، چاڪاڻ ته هي مقامي ماڻهن جو ريسٽورينٽ هيو. جتي سندن رواجي ۽ روايتي کاڌو موجود هيو.

جائزو وٺڻ لاءِ پرپاسي ۾ ڏنوسين ته، اتي ويٺل ڪجهه همراهه چپاتي يا چانورن سان گڏ ريڊ بينس، وڏي پيالي ۾ پيل شوربو ۽ گوشت کائيندي نظر آيا. اسان ريڊ بينس، انڊو ۽ چپاتي گهرائي، باقي ڪڙڪ ۽ ڦڪي چانهه لاءِ ويٽريس کي گهٽو سمجهائڻو پيو. تنهن هوندي به اسان جي ٽيست ۽ سنڌ واري ناسي رنگ ۽ مينهن جي تازي ڪير واري گهاٽي چانهه نه ملي.

بهرحال هتان فارغ ٿي ٻاهر نڪري روڊ تي اچي هڪ ٽيڪسي هٿ ڪئي سين. ٽيڪسي ڊرائيور نوجوان ۽ سادي طبيعت وارو هيو. سندس نالو سيموئل هو. ڪيس چيوسين ته، اسان کي ڪگاليءَ جون خاص جڳهون گهماءِ همراهه کي انگريزي پوري پُني ٿي آئي، چاڪاڻ ته هن ملڪ تي بيلجم جي حڪومت رهي آهي، جنهن ڪري هتان جا ماڻهو انگريزي کان وڌيڪ فرينچ هولي سان واسطي ۾ رهيا آهن. ٽئڪسي جو ڪرايو ۽ ٽائيم طئي ڪرڻ کان پوءِ اسان کار ۾ چڙهي ويناسين. اسان جي پهرين منزل ”ڪگالي جينوسائيڊل ميوزم“ هئي. اها ميوزم شهر اندر ئي هتان کان اڌ ڪلاڪ ڪن جي سفر تي هئي. اوڏانهن وڃڻ وقت شهر جي مختلف روڊن تان گذرندي ايندڙ ويندڙ گاڏين جي چال ڪي ڏسي محسوس ٿيو ته هتان جا ڊرائيور ٽرئفڪ جي قانونن جي وڏي پاسداري ڪري رهيا هئا ۽ گاڏيون تمام باضابطه انداز ۽ محتاط طريقي سان هلائي رهيا هيا.

شهر ۾ موٽرسائيڪلون به گهٽي تعداد ۾ هلي رهيون هيون، پر ڪنهن به موٽرسائيڪل تي هڪ يا ٻن ماڻهن کان وڌيڪ ۽ هيلميٽ کان سواءِ کو به سوار نظر نه آيو. هتي به يوگنڊا ۽ ڪينيا وانگر گهٽي تعداد ۾ موٽرسائيڪلون پاڙي تي هلن ٿيون، جن کي مقامي هولي ۾ ”بودا بودا“ سڏيو وڃي ٿو. هر موٽرسائيڪل ڊرائيور وٽ به هيلميٽ هيا: هڪ پنهنجي لاءِ ۽ ٻيو گراهڪ کي پارائڻ لاءِ. هتي جيتوٽيڪ عورتون گهٽيون بااختيار ۽ آزاد نظر آيون، پر ڪا به عورت موٽرسائيڪل هلائيندي نظر نه آئي. جيئن اسان ڪجهه عرصو اڳ نيپال، مالديپ، سريلنڪا، ويٽنام، ڪمبوديا، ملئيشيا، انڊونيشيا ۽ ٿائيليند ۾ گهمندي اتان جي وڏي تعداد ۾ عورتن کي موٽرسائيڪلون ۽ اسڪوٽر هلائيندي ڏٺو هو. پاڪستان ۾ ته عورتون موٽرسائيڪلون کو نه ٿيون هلائن، پر روندا، يوگنڊا يا ڪينيا ۾ گهمڻ دوران اسان کي ڪا هڪ عورت به موٽرسائيڪل هلائيندي نظر نه آئي.

ڪگالي جي روڊن تي ٽيڪسيءَ مان نظر ايندڙ نظارا ڪافي وٺندڙ هئا. شهر جا رستا ڪشادا ۽ صاف سترا هئا. ساوڪ ۽ لينڊ اسڪيپ ڏاڍو خوبصورت هيو. سمورو شهر ٽڪرين تي ٺهيل هيو، جنهن ڪري هيٺائين ۽ مٿاهين ۽ وارا رستا ۽ ٽڪرين تي ٺهيل عمارتون سهڻو نظارو پيش ڪري رهيون هيون. شهر مان هڪ جڳهه وٽان گذرندي هڪ وڏي عمارت تي ”ڪگالي يونيورسٽي“ جو وڏو بورڊ لڳل نظر آيو. جنهن تي دل چيو ته ٽيڪسيءَ کي پهريان اوڏانهن لاڙي، ڪگالي جي مادر علمي جو درشن ڪري ڪيون ٽڏيون ڪريون، پر ڊرائيور جيستائن اسان واري ڳالهه سمجهي، تيستائين گاڏي اڳتي نڪري چڪي هئي.

هونئن به اسان آفريڪا ۾ گهمندي اهو محسوس ڪيو ته، هتان جا اڪثر ماڻهو گهٽا ٽڏا، ٽانورا، سادا، سست مزاج ۽ ڍلو ايڪشن ڪندڙ هيا. ڪنهن به ڳالهه کي سمجهڻ واري سگهه ۽ ان جي موٽ وارو سندن ايڪشن به ڏاڍو سست ۽ ٽڏائپ وارو هيو. بهرحال ان يونيورسٽي کي ڏسڻ جي آس دل ۾ سانديءِ ٻئي ڏينهن ڏسڻ جو فيصلو ڪري پنهنجي اڳواڻ طئي ٽيل منزل ڏانهن وڌياسين.

”ڪگالي جينوسائيڊل ميموريل ائنڊ ميوزيم“ يعني نسل ڪشي وارو يادگار ۽ عجائب گهر وٽ پهتاسين، ته معلوم ٿيو ته، هي ميوزيم روندا ۾ 100 ڏينهن اندر قتل ٽيل 8 لک ماڻهن جي ياد ۾ قائم ڪئي وئي آهي.

مان جڏهن ميوزيم ۾ داخل ٿيو هيس ته، هڪ عجيب اداسيءَ واري ڪيفيت طاري ٿيڻ لڳي هئي، چاڪاڻ ته مون اهڙي هڪ ميوزيم کي مهينا اڳ ڪمبوديا ۾ به ڏٺي هئي.

ميوزيم جي ٻئي پاسي قبرستان هيو، جنهن بابت خبر پئي ته نسل ڪشي دوران مارجي ويلن مان اڌائي لک تتسي اتي دفن ٽيل آهن.

ڪگالي ۾ ان نسل ڪشي جا ڏکوئيندڙ منظر انگريزي فلم ”هوٽل روانڊا“ ۾ به ڏسي سگهجن ٿا. اهو هوٽل اج به ڪگالي شهر ۾ موجود آهي، جنهن جو نالو آهي ”هوٽل ڊس مل ڪولنس.“ ان هوٽل ۾ تتسي قبيلي جا اٽڪل 2 هزار ماڻهو جان بچائي اچي لڪا هئا، جن کي هوٽل جي مئنيجر پنهنجي جان داءِ تي لڳي هوتو شدت پسند هتان مارجڻ کان بچائي ورتوهو. ان کان علاوه آمريڪي ٽي وي جو ڊرامو ”سَم ٽائيمز اِن اپريل“ پڻ ان ئي نسل ڪشي واري موضوع تي ٺهيل آهي. ■



غزل

حيدر مهراڻي



لهرن جي ڪا ور چڑهي وئي ڪشتي پاڻي ۾
ڪيڏا پوءِ اڇي پيا ها خوف مهاڻي ۾

ٽڦڪي ٽڦڪي دل کي مان ننڊ سمهاريو هو
ننڊ به کهڙي ننڊ پلا پرهه پُجاڻي ۾

بيشڪ آڻءُ ڇيوهن کي هو سپ مذاقن ۾
مون کان دور هلي وئي آ جاڻي واڻي ۾

توري درد وهن ٿا دل جي سوراخن مان
هِي تندون تندون جيئن سَيُن جي گهاڻي ۾

جڏ ڪوپ سجي ۾ خوشبو پنهنجي اوتي هُن
هو اڄ جڏهن هن ڇاڻيو ڇانءُ ڪي ڇاڻي ۾.

غزل

گهايل لغاري



ابتدا ۾ بہ هُوندس
انتها ۾ بہ هُوندس

آئينا ٿو ڏيکاري
دلربا ۾ بہ هُوندس

ڄاڻو ٿا، دل آهيان
بيوفا ۾ بہ هُوندس

مان دُعا ئي ته آهيان
بد دُعا ۾ بہ هُوندس

جو سدائين جلائي
ان ڇتا ۾ بہ هُوندس.

سَفَر ۾ پاڻ کي پنهنجو، سَهارو نَيڻ کو ڏيندو.

نہ هَر هِڪَ دردَ جو قصو، زمانو سمجهي سگهندو آ،
اَکين جي اَشڪَ کي آخر، رِسالو نَيڻ کو ڏيندو.

نہ دولتَ سان سجاڻپ آ، نہ عهدي سان وڏائي آ،
اَڇي ڪردارَ جو توکي، نالو زمانو نَيڻ کو ڏيندو.

هتي پنهنجا ڦِري ويندا، تہ حيرت کهڙي آ دنيا تي،
وَفا جي نالي تي ڪوئي، حَوالو نَيڻ کو ڏيندو.

غزل

آفتاب حسين



نہ ٿي دِلگيرَ اي! دِلڙي، جَمالو نَيڻ کو ڏيندو،
اَڇي اُونداهہ ۾ ڪوئي، اُجالو نَيڻ کو ڏيندو.

رَکِي هِمتَ هَلَڻُ سِکُ تون نہ ويهي آسَرو ڪَجُ تون،
هرخوشي تنهنجي عطا منهنجي اٿئي

روز بارش لئي ڪکر آيا کهي
بوند تنهنجي ۽ گهٽا منهنجي اٿئي

ڪائنات تي ڪجهہ تہ 'عادل' ڪر فڪر
ڌرتي تنهنجي ۽ فضا منهنجي اٿئي.

غزل

سلام اڇڻ

شهرت جي پويان ڇڪي زندگي ٿي
تکي تيز ڏاڍيان ڀُڪي زندگي ٿي

ڏسو جان ننڍڙي پني پيٽ خاطر
بنا پوک پاڻيءَ سُڪي زندگي ٿي

هوا خشڪ موسم نہ ڪپڑا جسم تي
وڏي سيءَ ۾ اڄ ڏَڪي زندگي ٿي

نڪي ڪو پتو آهي منزل مڪان جو
ڊڪي نيٺ آخر تَڪي زندگي ٿي.

غزل

ارباب علي 'عادل' چوهاڻ



ماڻهن ۾ وَير ڇا جو آ؟
دلين ۾ ميرڇا جو آ؟

آهيون آدم جاوا سيئي،
نفرت جو ڊيرڇا جو آ؟

گهڙي ڪن لا هتي رهبو!
پاڻ، سوا سير ڇا جو آ؟

ٽيا دشمن خوني رشتا،
وري پوءِ خير ڇا جو آ؟

سَرِ بازار اي قاسم،
ايڏو انڌير ڇا جو آ؟

غزل

قاسم خاصخيلي



زندگي تنهنجي دعا منهنجي اٿئي
هر دفعي توسان وفا منهنجي اٿئي

گُهٽ نہ ٻُوسٽ نڪي منا گرمي
قرب واري هر هوا منهنجي اٿئي

قرب ساگر سڪ ندي ٿي من اندر
ناز تنهنجا ۽ ادا منهنجي اٿئي

فرق بلڪل صاف ظاهر ٿي اڳيان
دانهن تنهنجي ۽ صدا منهنجي اٿئي

روپ ڏسندي عشق جا دنيا اندر
سونهن تنهنجي ۽ سخا منهنجي اٿئي

ڳالهہ ڏک جي يا هجي سک جي منا

غزل

عبدالرسول 'دربان' خاصخيلي



ڏُک سکن جا مرحلا وڏندا رهن ٿا
پيچرن تي قافلا وڏندا رهن ٿا

درد غم ۾ اکڙين وهندڙ اڇي رنگ
ڳوڙهن جا سلسلا وڏندا رهن ٿا

ڪير ڪندو حل اڇي هاڻي اسان جا
مسئلن تي مسئلا وڏندا رهن ٿا

پيٽ ڏاون جا ايان پي پيٽ خالي
حق کسڻ جا هُلهلا وڏندا رهن ٿا

سخت محنت سُور صدما حال هيٺا
هارين جا حوصلا وڏندا رهن ٿا

بَر جيان ٽر گاهہ اٽلي پوءِ پي ڏِس
وانگين جا ولولا وڏندا رهن ٿا

تيز دنيا وقت ٿورو يار ڊوڙون
امتحاني مشغلا وڏندا رهن ٿا

موڪلايو ماڻهن مان سچ سويرو
پائرن منجهہ فاصلا وڏندا رهن ٿا
■

سنڌ ۾ شروع ٿيل ادبي ميلا: اتساهيندڙ ادبي سرگرميون

هلندڙ نومبر مهينو، خاص طور تي سنڌ ۾ وڌين ادبي سرگرمين وارو مهينو آهي. سنڌ جي مختلف جاين تي ادبي سرگرميون زور شور سان هلندڙ آهن. ان حوالي سان ذڪر لائق ادبي ميلا آهن، جيڪي ڪلهه، 21 نومبر کان شروع ٿيا آهن. انهن ۾ سنڌين سان گڏ ٻين هوليين جا باشعور ماڻهو پڻ شرڪت ڪري رهيا آهن. مختلف سيشنس ۾ ٿيندڙ بحث ٻڌندڙن کي، مختلف موضوعن کي هڪ الڳ طرح سان سمجهڻ جو موقعو ڏين ٿا. ڪلهه کان جيڪي ادبي ميلا شروع ٿيا آهن، انهن جو هتي مختصر ذڪر ڪجي ٿو:

سنڌ لٽريچر فيسٽيول

ڪلهه کان ڪراچي شهر جي تاريخي جاءِ مهاتا پئلس ۾ ٻن ڏينهن وارو "سنڌ لٽريچر فيسٽيول" شروع ٿيو. جنهن جو خاص مهمان سنڌ جو









ثقافت کاتي وارو وزير سيد ذوالفقار شاهه هو. افتتاحي سيشن ۾ ناظر محمود، نفيسه هودپائي، ڊاڪٽر پرويز هودپائي، امينه سيد، آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو، ڊاڪٽر ظفر جوٽيجو، سيف سميجو، سورٺ سنڌو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

ان موقعي تي ڳالهائيندي ثقافت کاتي جي وزير چيو ته، سنڌ امن، محبت ۽ پائيچاري جي ڌرتي آهي، جتي رنگ، نسل، ٻولي ۽ مذهب جي بنياد تي ڪو به فرق ناهي، اسان سڀني کي محبتون ورهائڻ ۽ ماڻهن کي ڳنڍڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته، سنڌ جا ثقافتي ميلا صوبي جي مثبت ۽ پرامن سڃاڻپ کي اجاگر ڪن ٿا، سنڌي، بلوچ، سرائڪي ۽ اردو ڳالهائيندڙ سڀ سنڌ جو حصو آهن ۽ هتي سڀئي قومون محبت سان گڏ رهن ٿيون."

نالي واري اينڪر ۽ صحافي نصير گوپانگ جي ڪوششن سان منعقد ٿيندڙ هن، سنڌ جي اهم ميلي بابت نالي وارو صحافي ۽ سماجي اڳواڻ شجاع قريشي لکي ٿو ته، "سنڌ لٽريچر فيسٽيول جي شروعات ادبي ويهڪن، فڪر انگيز مباحثن ۽ دلچسپ گفتگوءَ جي هڪ پرجوش سلسلي سان ٿي. هي ۽ ميلو ڪتابن، خيالن ۽ فڪري بحث مباحثي کان هٽي هي ۽ ميلو هڪ ٻي خاص چيز به پيش ڪري ٿو، جيڪا آهي پراڻن دوستن سان جڙڻ، نوان دوست ٺاهڻ ۽ دوستي ۽ ادب جي جذبي جو جشن ملهائڻ جو هڪ شاندار موقعو. اهڙين محفلن جو حصو بڻجڻ هميشه خوشيءَ جو باعث هوندو آهي." ■

انور پيرزادو ميلو







ڪلهه، چنڊ، 21 نومبر تي مهين جي ڏڻي جي پرسان موجود ڳوٺ ـ ٻلهڙيجيءَ ۾ چوٽون، هڪ ڏينهن وارو "انور پيرزادو ميلو" منعقد ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جي ڏاهپ، علم، ادب ۽ صحافت سان تعلق رکندڙ نالي وارين شخصيتن شرڪت ڪئي. ان ميلي جو هر سال جيان هن پيري به انتظام ڪندڙ سنڌي ۽ انگريزي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ، محقق ۽ شاعر ـ انور پيرزادي جا باشعور پٽ: زرار پيرزادو، زيد پيرزادو ۽ امر پيرزادو هئا. اهي نوجوان پنهنجي ساڻين ۽ ڳوٺ جي روشن خيال ماڻهن جي مدد سان مهين جي ڏڻي جي پَر ۾ ۽ سنڌوءَ جي ڪناري لڳ، اها ميلي واري هڪ شاندار سرگرمي ڪندا آهن. ڪلهه واري ميلي ۾ شرڪت ڪندڙن ۾ اياز لطيف پليجو، مهتاب اڪبر راشدي، نالي وارو دانشور نصير ميمڻ، پي ٽي وي ڪراچي مرڪز جو جنرل مئنيجر سيد امجد شاهه، سنڌي لينگويج اٿارٽي جو چيئرمين ڊاڪٽر شير مهراڻي، نالي وارو شاعر ادل سومرو، مشهور صحافي نثار ڪوڪر، نالي وارو شاعر، ڊرامي نگار ۽ ڪهاڻيڪار محمد علي ٻناڻ، الطاف پيرزادو، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي، سماجي اڳواڻ انور بلوچ، ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادو، سياسي اڳواڻ گلاب پيرزادو، مهين جي ڏڻي جي ناڇٽيءَ جهڙي رقص ڪندڙ شيما ڪرماني، نالي وارو شاعر سائل پيرزادو، اقرار پيرزادو، حبدار سولنگي، رحمت پيرزادو، نالي وارو آرٽسٽ سڪندر جوڪي، ۽ ٻيون ڪيترون ئي شخصيتون شامل هيون.

مختلف سيشنس ۾ مقررين انور پيرزادي صاحب جي علمي، ادبي، تحقيقي ۽ صحافتي ڪم تي تفصيل سان ڳالهايو. نثار ڪوڪر سنڌي صحافت جي شاندار ڪردار ۽ ان ۾ انور پيرزادي ۽ سندس ٽهيءَ جي صحافين جي ڪردار تي ڳالهائيندي موجوده وقت ۾ اردو ميڊيا جي تعصب پريبي رويي تي سخت تنقيد ڪئي. ان طرح ٻين مقررين به پنهنجي گفتگوءَ ۾ سنڌي ادب، صحافت ۽ سياست ۽ سنڌ جي وحدت جي سلامتي بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. ■ _جمال